# سِنڌي ٽيون ڪِتابُ

## ٽئين ڪلاس لاءِ

آزمائشي اشاعت



سِنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

آزمائشي اشاعت

# سِنڌي ٽيون ڪِتابُ

## (ٽِئين ڪلاس لاءِ)

سِنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ: رائل ڪارپوريشن، ڪراچي.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو تيار ڪرايل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري
کاتي جي مراسلي نمبر NO.SELD/HCW/18/2018, Dated: 09-12-2021 موجب
سنڌ صوبي جي سيني پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

**ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽيءَ جو چڪاسيل**


**نگران اعليٰ:** پرويز احمد بلوچ
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

**نگران:** جمشيد احمد جوڻيجو

**ليکڪ:** ڊاڪٽر غلام علي الانا - محمد پريل ’بيدار‘ مگريو
غلام رسول چنا - سيد امداد حُسيني - عزيز ڪنگراڻي
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو - ڊاڪٽر اسحاق سميجو - اويس پٽو
علي دوست عاجز - خالد آزاد - اياز احمد - سراج احمد چنا - ناصر پنهور

**ايڊيٽر:** سيد امداد حُسيني

**صوبائي جائزه ڪاميٽي:** ڊاڪٽر محمد علي مانجهي - ڊاڪٽر سعيده پروين ميمڻ
ڊاڪٽر شازيہ پتافي - ڊاڪٽر الطاف جوکيو - دلشاد احمد ڏيٿو
تحسين ڪوثر انصاري - محمد سليم نظاماڻي
اويس پٽو - محمد ادريس جتوئي

**السٽريشن:** ساجده يوسف

**پيج ميڪنگ:** نور محمد سميجو - واحد بخش سولنگي

هيءُ ڪتاب رائل ڪارپوريشن، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

# فهرست


| سبق | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | ڏٽيءَ جي وڏائي ............(حَمد) | 5 |
| 2 | حضرت مُحَمَّد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم جا سُهڻا اخلاق | 7 |
| 3 | پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم (نعت) | 10 |
| 4 | حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهُ | 12 |
| 5 | اسان جو مُلڪ | 15 |
| 6 | هاري | 20 |
| 7 | پيارا پاڪستان ............ (بيت) | 24 |
| 8 | سر حاجي عبدالله هارون | 26 |
| 9 | آءٌ موبائيل فون آهيان | 29 |
| 10 | رستي تي هلڻ جا قاعدا | 32 |
| 11 | رانديون | 36 |
| 12 | قربانيءَ جي عيد | 40 |
| 13 | قائد اعظم .................... (بيت) | 42 |
| 14 | مسڪين جهان خان کوسو | 44 |
| 15 | ڏِياري | 47 |
| 16 | سهي ۽ ڪڇونءَ جي ڳالهه (تصويري ڪهاڻي) | 50 |
| 17 | اچو اوهان جي دل وندرايان..... (بيت) | 52 |
| 18 | گهٽگهرو دوست | 54 |
| 19 | سج، چند ۽ تارا | 58 |
| 20 | قدرتي آفتون | 62 |
| 21 | سُئيون چوڪريون | 65 |
| 22 | وتائي فقير جون ڳالهيون | 68 |
| 23 | ڏسو ڏسو اي پارو گُلُ ......... (بيت) | 71 |
| 24 | خط | 74 |
| 25 | اسان جي ڌرتي | 78 |
| 26 | اچو ته پارو ڳايون راڳ ......... (بيت) | 81 |
| 27 | سيد اَلهندو شاهه | 83 |
| 28 | رشتن جو احترام | 87 |
| 29 | پاڪستان جا پاڙيسري ملڪ | 90 |
| 30 | پولڙي جي ورچ (تصويري ڪهاڻي) | 94 |
| 31 | محنت ڪر تون محنت يار ..... (بيت) | 96 |
| 32 | دعا .................... (بيت) | 199 |
| 33 | نوان لفظ | 100 |

# ٻه اکر

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ هڪ اهڙو تعليمي ادارو آهي، جنهن جو ڪم درسي ڪتابن جي تياري ۽ اشاعت ڪرڻ آهي. اُن جو اهم مقصد اهڙن درسي ڪتابن جي تياري ۽ فراهمي آهي، جيڪي نئين نسل کي علم ۽ شعور ڏيڻ سان گڏوگڏ منجهن اهڙي صلاحيت پيدا ڪن، جنهن جي ذريعي اهي اسلام جي آفاقي نظرين، پائيپيءَ، بزرگن جي ڪارنامن، پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ روايت جي حفاظت ڪندي نئين دور جي سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تقاضائن کي پورو ڪري ڪامياب زندگي گذاري سگهن.

هن اعليٰ مقصد کي پورو ڪرڻ خاطر اهل علم، ماهرن، استاد صاحبن ۽ مخلص دوستن جي هڪ ٽيم ڪنڊ ڪڙڇ کان حاصل ٿيندڙ معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪتابن جي درستيءَ جي معيار، جائزي ۽ انهن جي سُڌاري جي عمل ۾ اسان سان گڏ لڳاتار مصروف آهي.

اسان جا ماهر ۽ اشاعتي عملو اُن صورت ۾ ئي گهربل مقصدن ۾ ڪامياب ٿيندو. جڏهن انهن ڪتابن مان استاد صاحب، شاگرد ۽ شاگردياڻيون پورو پورو لاڀ ماڻين. ان لاءِ سندن تجويزون ۽ رايا انهن ڪتابن کي بهتر بنائڻ ۾ ڪارآمد ٿيندا.

چيئرمين

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

سبق پهريون

# ڏٽيءَ جي وڏائي (حَمدُ)

### سکيا جي حاصلات

- نظم، سُر ۽ لئه سان پڙهي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.
- سوالن کي غور سان پڙهي، سمجهي سگهي.
- عبارت ۾ آيل نون لفظن کي پڙهي دُرست اُچاري سگهن.





ڏِسي دنيا ۾ عجب نِظارا،
سائينءَ جي سَگهه سمجُهه پيارا،
اُپ ۽ ڌرتيءَ تي اِسرارَ،
جوڙيا سائينءَ سڀ جِنسارَ.

وَڻ ٽِڻ ٻُوٽا ڌَٽيءَ اُپايا،
قِسمين قِسمين پَن بنايا،
گُل ڦُل ميوا ڪئين گُلزارَ،
جوڙيا سائينءَ سڀ جِنسارَ.

جبلَ، نَديون ۽ چشما، لاهَ،
سَمُنڊَ، تلاءَ ۽ ڍنڍيون، واهَ،
برف، گَرَڙا سڀ ڏارو ڏارَ،
جوڙيا سائينءَ سَڀ جِنسارَ.

اُپ ڏي توري نَظَرَ ڪريو،
سج چنڊ تي پڻ ڌيانُ ڌَريو،
سُهڻِي تارن سَندي قطارَ،
جوڙيا سائينءَ سڀ جِنسارَ.

### استاد لاءِ هدايت:

ٻارن کي حمد سُر ۽ لئه سان پڙهائي.



راتيـن پنيـان ڏينهن اچـن،
جُهـڙن پُنيـان روز روشـن،
كـڏهن چانـدوكي كـڏهن كـارَ،
جوڙيـا سـائينءَ سـڀ جِنسـارَ.

جَـڳَ جـو چَرخـو عَجـبُ چَلـي،
سَـيكو چَئـي تـو بَلـي بَلـي،
كَـري نـ كـوئي سَـگهي شُـمارَ،
جوڙيـا سـائينءَ سَـڀ جِنسـارَ.

كشنچند’بيوس‘

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- هن نظم مان توهان كي كهڙو بند وڌيك وڻيو ؟
٢- جيكو بند اوهان كي وڻيو، سو ڇو تو وڻيو؟
٣- گل ڦل، ميوا كنهن پيدا كيا آهن؟
٤- اسان رات جو آسمان ۾ ڇا ڏسندا آهيون؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظ ٻڌو ۽ ورجايو:

روشن جنسار چاندوكي نظارا اسرار

### (ج) ’نظارا‘ ۽ ’پيارا‘ هم آواز لفظ آهن. هيٺ ڏنل لفظن جا هم آواز لفظ لكو:

| | |
|---|---|
| جنسار | |
| واهَ | |
| اُپايا | |
| ڏَريو | |

ياد ركو تہ: جنهن شعر ۾ الله تعالي جي ساراهہ هجي، ان كي ’حمد‘ چئبو آهي.

## سبق پهريون

| سکيا جي حاصلات |
| --- |
| • سوالن کي غور سان ٻڌي سمجهي سگهي. |
| • چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻُڌِي، جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ کي سمجهي سگهي. |
| • عبارت ۾ آيل نوان لفظ درست اُچاري سگهي. |

# حضرت مُحَمَّد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين
صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّمَ
# جا سُهڻا اخلاقَ

حضرت مُحمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم (ترجمو: حضرت محمد، الله تعاليٰ جو رسول آهي ۽ الله تعاليٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن (صَلّي الله عَلَيهِ وَسَلّم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڀڳورن رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي) سُهڻن اخلاقن جا مالک هئا.



پاڻ ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم سُٺي سُڀاءَ وارا، سچار ۽ ايماندار هئا. سدائين سچ ڳالهائيندا هئا. ننڍن سان پيار ڪندا هئا.

پاڻ ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جن فرمائِيندا هئا ته ٻار جمي ته ان جو نالو سُٺو رکو. هڪ شخص کين چيو ته ”توهان ٻارن سان ڏاڍو پيار ڪريو ٿا، اسان ايترو ڪونه ڪندا آهيون.“ ان تي حضرت مُحمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جن فرمايو ته ”الله سائينءَ جيڪڏهن تنهنجِي دل مان رَحم ڪڍي ڇڏيو آهي ته اُن کي آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان!“

پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم پاڙيسرين جي پارت ڪندا هئا. فرمائيندا هئا، جيڪو شخص پاڻ ته ڍؤ ڪري ڪائي ۽ سندس پاڙيسري بُک مري، اهو پورو مومن نه آهي. پاڻ ڪريم صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم يتيمن جا يار هوندا هئا ۽ بيمارن جي پرگهور لهندا هئا. پورهيت کي پگهر سُڪڻ کان اڳ مزدوري ڏيڻ لاءِ چوندا هئا. پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مُرڪي ملڻ ۽ ماءُ پيءُ جو ادب ڪرڻ کي وڏي نيڪي ڪوٺيندا هئا.

پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جانورن توڙي پکين تي به رحم ڪندا هئا. هڪ ڀيري هڪ اصحابي جهرڪيءَ جا ٻچا ڪٽي آيو. پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم کيس حڪم ڏنو ته ”جهرڪيءَ جا ٻچا آکيري ۾ رکي اچ!“

پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم گِلا، چُغلي، ڪُوڙي شاهدي ۽ ڪُوڙي قسم کڻڻ کان منع ڪندا هئا. چوندا هئا ته ”ڪاوڙ نه ڪرڻ گهرجي.“ پاڻ غلطيون معاف ڪري ڇڏيندا هئا.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن پاڙيسرين بابت ڇا فرمايو آهي؟
٢- پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ڪهڙين ڳالهين کي وڏي نيڪي ڪوٺيو آهي؟
٣- پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ٻارن سان ڪيئن پيش ايندا هئا؟
٤- پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ زندگيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

## (ب) هيٺ ڏنل لفظن کي دُرست اُچار سان پڙهو ۽ ورجايو:

مالڪ سائين سُياءُ معاف پارٽ

## (ج) هيٺ ڏنل لفظن کي جوڙي پڙهو ۽ لکو:

| | |
|---|---|
| سُ + هه + ڻ + ن | |
| غ + ل + ط + يون | |
| پا + ڙيـ + سـ + ري | |
| پو + ر + هه + يـ + ت | |

## (د) پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم بابت ڪي ٻه ٽي جملا لکو:

## (هه) لفظ ٺاهيو. جيئن: مِلڻ ⟵ مليو

گهمڻ ⟵ ................................ پڙهڻ ⟵ ................................

ڪلڻ ⟵ ................................ لکڻ ⟵ ................................

**ياد رکو ته:** اسان کي پکين ۽ جانورن تي رحم ڪرڻ گهرجي.

سبق ٽيون

# پاڪ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلَيٰ آلِهٖ وَاَصحابِهٖ وَسَلَّم (نعت)

## سکيا جي حاصلات

- سوالن کي غور سان ٻڌي سمجهي سگهي.
- ڪوبہ نظم انفرادي يا اجتماعي طور تي سُر ۽ لئہ سان پڙهي سگهي.
- هر آواز لفظ چوندي لکي سگهي.

جِيءَ جِيارا پاڪ سڳورا،
سَڀ کان پيارا پاڪ سڳورا.

دوستُ هُجي يا دُشمن چاهي،
سيني لئہ ٻاجهارا آهن.
جِن جو ڪوبہ سَهارو ناهي،
تِن جي لاءِ سهارا آهن.

جيءَ جيارا پاڪ سڳورا،
سڀ کان پيارا پاڪ سڳورا.

هِيڻن سان هَمراهُہ سدائين،
ڪمزورن جي طاقتَ آهن.
ٻارو ڏينهَن قيامت تائين،
ساري جڳ لئہ رحمتَ آهن.

جِيءَ جيارا پاڪ سڳورا،
سڀ کان پيارا پاڪ سڳورا.

- امداد حسيني



**ياد رکو تہ:** جنهن شعر ۾ نبي ڪريم صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَيٰ اٰلِهٖ و اَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ساراهہ هجي، ان کي ’نعت‘ چئبو آهي.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- هن نعت مان توهان کي ڪهڙو بند وڌيڪ وڻيو تو؟
٢- اهو بند توهان کي وڌيڪ ڇو تو وڻي؟

## (ب) هي بيت زباني ياد ڪريو ۽ گڏجي سُر سان ٻڌايو.


## (ج) هيٺ ڏنل لفظن جا هم آواز لفظ ڳولي لکو، جيئن: جيارا - پيارا

| | |
|---|---|
| سهارا | |
| طاقت | |
| سدائين | |
| چاهي | |

## (د) نعت جون هيٺيون سِٽون پوريون ڪريو:

* جِيءِ جِيارا ...................................
................................... پاڻ سڳورا.

## (ھ) تصوير ۾ رنگ ڀريو:



### استاد لاءِ هدايت:

ٻارن کي نعت سُر ۽ لئہ سان پڙهائي.

سبق چوٿون

# حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عَنهُ

## سکيا جي حاصلات

- سوالن کي غور سان ٻڌي سمجهي سگهي.
- ذهن کان پندرهن جملن واري سادي عبارت پڙهي سمجهي سگهي.
- اسم، ضمير، صفت ۽ فعل جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي.

حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهُ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا. سندن نالو عبدالله هو. پاڻ مڪي جي قريش خاندان مان هئا. پاڻ حضرت مُحمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَم جَن کان عمر ۾ ٿورا ننڍا هئا. ڪين پاڻ سڳورن صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَم سان سچي محبت هوندي هئي. جڏهن نبي ڪريم صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَم جَن ڪين اسلام جي دعوت ڏني؛ تڏهن پاڻ، حضور اڪرم صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَم جَن کي سچو پيغمبر مڃي ايمان آندائون. مردن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهُ سڀني کان پهرين مسلمان ٿيا.

حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهُ اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ به ڏاڍا نيڪ ۽ پرهيزگار هوندا هئا. قريش خاندان ۾ سندن وڏي عزت هوندي هئي. اسلام کان اڳ، انصاف ۽ عدالت جو ڪم سندن حوالي هو.

پاڻ سادا، سخي ۽ مهمان نواز هئا. نبي ڪريم صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَم جَن جو هر قدم تي ساٿ ڏنائون. هجرت وقت جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَم جَن ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون 'ثور' نالي غار ۾ رهيا، حضرت ابوبڪرصديق رَضي الله عنهُ ساڻن گڏ هئا. اهوئي سبب آهي، جو ڪين 'يارِ غار' به چوندا آهن.

اسلام پکيڙڻ ۽ مسلمانن جي مدد لاءِ حضرت ابوبڪرصديق رَضي الله عنهُ جاني توڙي مالي قربانيون ڏنيون. اسلام آڻڻ وقت، وٽن چاليهه هزار دينار هئا، اهي سڀ دينار اسلام جي تبليغ، مسڪين ۽ محتاج مسلمانن جي مدد ڪرڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيائون. جن غلامن اسلام قبول ڪيو هو، تن کي سندن مُشرڪ مالڪ، ڏاڍيون تڪليفون ڏيندا هئا. حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهُ انهن غلامن کي خريد ڪري، آزاد ڪرايو.

هڪ ڀيري، نبي ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جَن فرمايو تہ ”اسلام کي جيترو فائدو اَبوبڪر جي مال پهچايو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن جي مال نہ پهچايو آهي.“

نبي ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جَن تبوڪ واري جنگ جي تياريءَ وقت، سڀني مسلمانن کي مالي مدد ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو. اُن موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهٗ پنهنجي گهر جو سمورو سامان آڻي، سندن اڳيان حاضر ڪيو. حضوراڪرم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جَن ڪانئن پڇيو تہ ”اي ابوبڪر! گهر ۾ بہ ڪجهہ بچايو اٿئي؟“ جواب ۾ عرض ڪيائون تہ ”الله ۽ ان جي رسول جو نالو ئي گهر ۾ ڇڏي آيو آهيان“.

نبي ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جَن جي وصال کان پوءِ کين خليفو چونڊيو ويو. پاڻ بہ سال ٽي مهينا خلافت هلائي، تيرهن هجريءَ ۾، ٽيهٺ ورهين جي ڄمار ۾، وفات ڪيائون. کين نبي ڪريم صَلّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم جَن جي پرسان دفنايو ويو. حضرت ابوبڪرصديق رَضي الله عنهٗ وفات وقت چيائون تہ ”مون کي پراڻي ڪپڙي جوڪفن ڏجو، نئين ڪپڙي جي ضرورت مُئلن کان وڌيڪ جيئرن کي آهي.“ وڌيڪ چيائون تہ ”مون خلافت جي وقت ۾ اُجوري طور جيڪا رقم، مسلمانن جي مال مان کنئي آهي، اُها منهنجي ذاتي ملڪيت مان واپس ڪئي وڃي.“ سندن زندگي اسان سڀني لاءِ وڏو سبق آهي.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهٗ ڪهڙيون قربانيون ڏنيون؟
٢- حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهٗ کي ’يارِ غار‘ ڇو سڏيو وڃي ٿو؟
٣- حضرت ابوبڪر صديق رَضي الله عنهٗ جَن وفات وقت ڪهڙي وصيت ڪئي؟

## (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ ٻُڌايو :

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سندس | سندن | ڪيس | ڪين | ڪانئس | ڪانئن |

## (ج) ٽن آوازن وارا چار لفظ ٻُڌايو.

جيئن : خبر

## (د) هيٺ ڏنل عبارت ڌيان سان پڙهو ۽ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

اسان سڀني کي الله تعاليٰ پيدا ڪيوآهي. اسين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيون. اسان کي گهرجي ته پاڻ ۾ ڪو به ويرُ نه رکون.ڪنهن به ڀاءُ تي ڏکيو وقت اچي ته ان کي ٽارڻ لاءِ هُن جي مدد ڪريون. اڄ اسان هُن جي مدد ڪئي، ته سڀاڻي هو اسان جي مدد ڪندو. انهيءَ سان الله سائين به ڏاڍو خوش ٿئي ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان اسان جي دلين ۾ هڪٻئي جي لاءِ عزت ۽ احترام پيدا ٿئي ٿو ۽ هر قسم جي نفرت جي پاڙ پٽجي وڃي ٿي. ائين ڪرڻ سان اسلامي ڀائپي پڪي ۽ پختي ٿيندي.

اسان مان ڪي شاهوڪار آهن ته ڪي غريب آهن؛ پر الله تعاليٰ جي نظر ۾ سڀ هڪجهڙا آهن. جيڪو چڱا ڪم ڪندو، تنهن کي چڱو چئبو؛ جيڪو بُرا ڪم ڪندو، تنهن کي بُرو چئبو.

اِسلام ۾ عام ۽ خاص جو ڪوبه تفاوت نه آهي. سڀني کي هڪ جهڙا حق حاصل آهن. انهيءَ کي اسلامي ڀائپي يا هڪجهڙائي چئبو آهي.

١- اسان کي پاڻ ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي؟

٢- ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي؟

## (هه) ڪنهن به ساهه واري ماڻهوءَ، جاءِ، ڪم، حالت ۽ خاصيت جي نالن کي اسم چئبو آهي.

جيئن: اڪبر، سحر، ڳئون، اسڪول، ڪتاب، لکڻ، پڙهڻ، هوشياري، فقيري، جواني، پيري.

## (و) هن سبق مان اسم ڳولي لکو.

### استاد لاءِ هدايت:

استاد ٻارن کي مشق 'د' ۾ ڏنل سادي عبارت ڌيان سان پڙهڻ ۾ سندن رهنمائي ڪري.

### سکيا جي حاصلات

- سبق، آکاڻي يا واقعو پڙهي يا ٻُڌي اُن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- جُملي ۾ زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جي استعمال کي سمجهي سگهي.
- سوالن کي غور سان ٻُڌي سمجهي سگهي.
- لفظن جا ضد لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان سَت سادا جُملا لکي سگهي.

# اَسان جو مُلڪ

اسان جي ملڪ پاڪستان جا چار صوبا- سنڌ ، پنجاب ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا آهن. ان کان سواءِ گلگت بلتستان ۽ قبائلي علائقا بہ پاڪستان جي انتظام هيٺ آهن. پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ اسلام آباد آهي. ملڪ جي هر صوبي ۾ هڪ مکيہ بولي ۽ ڪيئي ٻيون بہ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. اهڙيءَ ريت هر صوبي جي پنهنجي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي آهي.

## سنڌ



سنڌ، پاڪستان جو قدرتي وسيلن سان مالامال صوبو آهي. ڪراچي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، نواب شاهہ، ميرپورخاص، ٺٽو، دادو، شڪارپور، جيڪب آباد، بدين، خيرپور ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. ڪراچي پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو سامونڊي بَندرگاهُ آهي. سنڌ صوبي جي مکيہ ٻولي سنڌي آهي. ان کان سواءِ هتي اردو، پشتو، سرائڪي، بلوچي، براهوي، گجراتي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. سنڌ، سنڌو نديءَ جي ڪري مشهور آهي، جيڪا پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ندي آهي. دنيا جي قديم تهذيب 'موهن جو دڙو' پڻ سنڌ ۾ آهي.

سنڌ جي ثقافت، تهذيب ، ٻولي ۽ مهمان نوازي مُلڪان ملڪ مشهور آهي. اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي سنڌ جي ثقافت جو خاص نشان آهي. سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ؒ آهي.

## پنجاب



پنجاب، آباديءَ جي لحاظ کان پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو صوبو آهي. پنجاب جي گاديءَ جو هنڌ لاهور آهي. پنجاب جي وڏن شهرن ۾ راولپنڊي، فيصل آباد، مُلتان، بهاولپور ۽ گجرات، سيالڪوٽ ۽ ٻيا شهر شامل آهن. پنجاب ۾ پنج نديون، چناب، راوي ، جهلم ، ستلج ۽ بياس آهن، ان ڪري هن علائقي تي پنجاب نالو پيو آهي. هن صوبي جي مکيه ٻولي پنجابي آهي، جڏهن ته سرائيڪي هن صوبي جي ٻيو نمبر وڏي ٻولي آهي. ان کان سواءِ پوٺوهاري ۽ ٻيون ٻوليون به ڳالهايون وڃن ٿيون. ’هڙاپا‘ پنجاب جو قديم تهذيبي آثار آهي. بُلي شاهه پنجاب جو مشهور صوفي شاعر آهي.

## بلوچستان



بلوچستان، پکيڙ جي لحاظ کان پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو صوبو آهي. ڪوئيٽا، بلوچستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هن صوبي جي وڏن شهرن ۾ لسٻيلو، خضدار، پشين، ڊيرو مُراد جمالي، سبي، زيارت ۽ ٻيا شامل آهن. بلوچستان جو وڏو حصو جابلو آهي. بلوچي هتي جي مکيه ٻولي آهي. جڏهن ته پشتو، براهوي ۽ سنڌي هن صوبي جون وڏيون ٻوليون آهن. بلوچستان معدني ذخيرن سان

مالامال آهي. هتان سوئي ڳوٺ مان ملندڙ قدرتي گئس کي سوئي گئس سڏيو وڃي ٿو. گوادر ۽ پسني هتان جا بندرگاهه آهن. ’مهرڳڙهه‘ هتي جو قديم تاريخي ماڳ آهي. مست توڪلي بلوچستان جو مشهور صوفي شاعر آهي.

## خيبرپختونخوا



خيبرپختونخوا، پاڪستان جو چوٿون صوبو آهي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ پشاور آهي. پشتو هن صوبي جي مکيه ٻولي آهي، جڏهن ته هندڪو، دري، کوار ۽ ٻيون ٻوليون به هتي ڳالهايون وڃن ٿيون. هن صوبي جي اهم شهرن ۾ مردان، ڪوهاٽ ، بنون، چارسده، هري پور، ايبٽ آباد، سوات، مينگوره ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. خيبرپختونخوا جا ماڻهو مهمان نواز آهن. هي صوبو سياحت جي ڪري به مشهور آهي. هن صوبي جو مشهور صوفي شاعر رحمان بابا آهي. ’تخت بئي‘ هن صوبي جو قديم تاريخي ماڳ آهي.

## گلگت بلتستان



گلگت بلتستان، پاڪستان جو اُهو انتظامي علائقو آهي، جنهن کي صوبي جو درجو ڏنل نه آهي، پر اُن جي الڳ اسيمبلي ۽ ڏار وڏو وزير پڻ آهي. هيءُ علائقو سهڻن قدرتي منظرن جي ڪري مشهور آهي. هن علائقي جو مرڪزي شهر گلگت آهي. اَستور، دَيا مير، اسڪردو، چلاس ۽ ٻيا وڏا شهر آهن. بلتي، شينا ۽ بروشسڪي هتان

جون مکيه ٻوليون آهن. هن علائقي جي پنهنجي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي آهي. ’شاهراهه ريشم‘ هن علائقي مان چين ۾ داخل ٿيندڙ تاريخي رستو آهي، هُنزه هتي جي مشهور وادي آهي.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- موهن جو دڙو ڪهڙي صوبي ۾ آهي؟
٢- آباديءَ جي لحاظ کان پاڪستان جو ڪهڙو صوبو وڏو آهي؟
٣- پکيڙ جي لحاظ کان پاڪستان جو ڪهڙو صوبو وڏو آهي؟
٤- ’شاهراهه ريشم‘ ڪهڙي علائقي مان گذري ٿي؟
٥- خيبر پختونخوا جي گاديءَ جو هنڌ ڪهڙو آهي؟

### (ب) پنهنجي ملڪ جي باري ۾ ڇهه جملا لکي ڏيکاريو:

### (ج) هيٺ ڏنل لفظن جا ابتڙ لفظ لکو، جيئن: ننڍو ← وڏو

| | | | |
|---|---|---|---|
| پراڻو | | زمين | |
| عام | | ڏار | |


### (د) هيٺ ڏنل صوبن جي مکيه ٻولين جا نالا لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| سنڌ | | بلوچستان | |
| پنجاب | | خيبر پختونخوا | |

**(ھ) هيٺ ڏنل جُملن جي (✔) جي نشان سان نشاندهي ڪريو تہ ڪھڙو جُملو ماضي، حال ۽ مستقبل جو آهي:**

| | زمان ماضي | زمان حال | زمان مستقبل |
|---|---|---|---|
| ١- طارق ماني کاڌي. | | | |
| ٢- اُهي ٻار آهن. | | | |
| ٣- سجاد ذهين ڇوڪرو آهي. | | | |
| ٤- هُوءَ ڊاڪٽر ٿيندي. | | | |
| ٥- ڪالھ عيد جو ڏينھن هو. | | | |

**(و) هيٺ ڏنل اشارن جي مدد سان پاڪستان جي قومي جھنڊي بابت ڪي بہ ڏھ جُملا لکو.**




**استاد لاءِ هدايت:**

اُستاد، ٻارن کي مشق 'و' ۾ ڏنل اشارن جي مدد سان پاڪستان جي قومي جھنڊي بابت جُملا لکڻ ۾ رهنمائي ڪري.

سبق ڇهون

## سکيا جي حاصلات

- سوالن کي غور سان ٻڌي، سمجهي سگهي.
- هڪ منٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 60 لفظ درست ادائگي ۽ اُچار سان پڙهي سگهي.
- گروهي، سماجي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ حصو وٺي سگهي ۽ پنهنجي ذميواري خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪري سگهي.
- لفظن جا ضد لکي سگهي.
- ڪنهن به تصوير يا منظر کي ڏسي ان بابت پنهنجا خيال لکي سگهي.

# هاري



اوهان کي خبر آهي ته اسان کي کاڌي لاءِ جيڪي اناج، ڀاڄيون ۽ ميوا ملن ٿا، اُهي ڪير ٿو پوکي؟ اهي هاريءَ جي محنت جو نتيجو آهن.

هاري سڄو سال، رات ڏينهن، ڪم ڪندو آهي. سردي ۽ گرمي سِرَ تي سَهي هميشه پورهئي ۾ لڳل هوندو آهي.

سانوڻيءَ جي مند ۾ هو ووڻٽ، ڪمند، ساريون، جُوئر، ٻاجهري ۽ مڪائيءَ جا فصل پوکي ٿو. سياري جي موسم ۾ ڪڻڪ، سَرنهن، جانيو، چڻا، مٽر ۽ مُهري پوکي ٿو. بهار اچي ته گِدرا، هنداڻا، مُڱ ۽ چونرا پوکي ٿو. انهن پوکن مان سٺي اُپت کڻڻ لاءِ، کيس گهڻي محنت ڪرڻي پوندي آهي. پهريائين جهنگ جهاڙي وڍي، صاف ڪندو آهي. زمين کي به چار سُڪيءَ جا هر ڏيئي، پتر پَچي، اها سڌي ڪندو آهي. اُن بعد پاڻي ڏيندو اٿس. جڏهن زمين هَر ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندي آهي، تڏهن سڄو ڏينهن پيو هَرُ ڪاهيندو آهي ۽ ٻنيءَ ۾ ٻج وجهندو آهي. هاريءَ لاءِ پوک جي ڪاهڻ جي مُند نهايت اهم آهي. جيڪڏهن پوک ڪاهڻيءَ ۾ رُلي ويس، ته پوءِ پلي ڪاڻ ٿيندي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو، جو سندس سڄي محنت برباد ٿي ويندي.

هاري پوک ڪاهي، بس ڪندو آهي، پوءِ ان جي تاڻ ۽ سنڀالڻ ۾ لڳي ويندو آهي. پوک مان ڪک پن ڪڍڻ، ڀيل کان بچائڻ، پاڻ ڏيڻ ۽ وقت تي پاڻي ڏيڻ جو اونو هوندو اٿس. پوک پچي راس ٿيندي ته وري اُن کي گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي.

هاڻي ته هارپي واري ڏنڌي کي جديد سھولتن جي ذريعي آسان بڻايو ويو آهي. اڄڪلهه زمين کي هموار ڪرڻ لاءِ ٽريڪٽر سان گڏ ڪِيڻَ استعمال ڪئي ويندي آهي. فصل





جي ڪٽائيءَ لاءِ پڻ جديد مشينون ڪتب آنديون وڃن ٿيون. ڪڻڪ جو اَن ڪڍڻ لاءِ ٿريشر جو استعمال ڪيو ويندو آهي. زمين کي پاڻي ڏيڻ لاءِ شمسي توانائي وسيلي ٽِيُوب ويل جو استعمال به ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ کان سواءِ ٻين ڪيترين ئي جديد سھولتن جي ڪري هاريءَ کي پنھنجي ڪم ۾ آساني ٿي پئي آهي.

هارپي وارو ڪم تمام سُٺو آهي ڇو ته هاري ڏينهن رات محنت ڪري ماڻهن لاءِ اناج، ميوا ۽ ڀاڄيون پوکي ٿو. جيڪي اسان جي صحت لاءِ فائيديمند آهن. انهن جي استعمال سان جسم طاقتور ٿئي ٿو ۽ ماڻهو بيمارين کان بچي ٿو. هاري مُلڪ جي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو.انهيءَ ڪري اسان کي گُهرجي ته سندس گهڻي عزت ڪريون.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- هاري ڪهڙيءَ طرح فصل پوکي ٿو؟

٢- هاري سانوڻيءَ جي مُندَ ۾ ڪهڙا فصل پوکي ٿو؟

٣- هارپي واري ڏنڌي ۾ جديد سھولتون ڪهڙيون آيون آهن؟

٤- هاري مُلڪ جي ترقيءَ لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو؟

## (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اُونو | اُلڪو-فڪر-ڳڻتي | هموار | برابر-سِڌو-هڪجهڙو |
| لڳاتار | مسلسل-يَڪو-ساندهه | توانائي | مضبوطي-تازگي-طاقت |
| اُپت | پيدائش-پيداوار-ڪمائي | تاتڻ | سنڀالڻ-حفاظت ڪرڻ-پرگهور لهڻ |

## (ج) هيٺ ڏنل لفظن جا ابتڙ/ضد لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| سخت | | پريان | |
| سچ | | پراڻ | |
| استاد | | مور | |
| رات | | نقد | |
| باهه | | خوشي | |

## (د) هيٺ ڏنل لفظ هڪ منٽ ۾ دُرست اُچار ۽ رواني سان پڙهو:

ڳيت – ميِنهن – عَرشُ – زمين – سِڄُ – مَدد – سَچار – سلڇڻو – ڪتابُ – ادب
سچ – علم – ميوو – پيار – وطن – جيل – ميدان – ڪنڌُ – قومي – سدائين – تارا
ڪُتنب – گهرُ – صفائي – آڪاٽي – راند – اکر – اِجهو – جهندو – ڳوٺُ – گند
ڪَڏ – ڪچرو – اسپتال – هاري – ساوَڪ – اَنبُ – اسڪول – ٻُورُ – مِنو – نعمت
اُپت – مُلڪ – ڪُتو – چِٽِڻي – جهرڪي – ڪانءُ – ريلَ – موتڙ – ڪُڪُڙُ – صُبح
ڏَسُ – آوازَ – تيز – سجاڳي – ڪراچي – مقبرو – محبت – وڏڪاري – ماحول

## (هـ) پنهنجي پاڙي جي گهٽيءَ کي گڏجي صاف ڪريو ۽ انهيءَ بابت ڪِلاس ۾ پنهنجي دوستن کي ٻڌايو ته اوهان گهٽي صاف ڪرڻ دوران ڪهڙو ڪم ڪيو.

(و) هيٺ ڏنل تصويرون غور سان ڏسو، جملا پڙهو ۽ لکو:





| | |
|---|---|
| ميون وارا وڻ ۽ ٻوٽا پوکيو. | مِينهن جو پاڻي گڏ ڪريو ۽ استعمال ڪريو. |

**ياد رکو ته:**

- اسان کي هر پورهيت جي عزت ڪرڻ جڳائي.
- ٻين جي ڪم اچڻ ۾ ئي سچي خوشي ملندي آهي.

**استاد لاءِ هدايت:**

استاد ٻارن کي مشق 'د' ۾ ٻارن کي لفظن جو چارٽ پڙهڻ لاءِ چئي ۽ ڏسي ته ٻارن هڪ منٽ ۾ ڪيترا لفظ درست پڙهيا آهن.

سبق ستون

# پيارا پاڪستان (بيت)

اعليٰ تنهنجو شان، پيارا پاڪستان!
پيارا پاڪستان، اعليٰ تنهنجو شان.


تنهنجو جهنڊو، پيارو پيارو،
چمڪي جنهن ۾ چنڊ ۽ تارو،
تنهنجو خاص نشان، پيارا پاڪستان.

سڀ کان تنهنجو شان نرالو،
جڳ ۾ تنهنجو ، روشن نالو،
ملڪين تنهنجو مان، پيارا پاڪستان.

علم پرايون، عزت پايون،
تنهنجو شان ۽ مان وڌايون،
صدقي توتان جان، پيارا پاڪستان.

## سکيا جي حاصلات

- نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهائي سگهي.
- نظم مان پنهنجي پسند جي شعر جو مفهوم لکي سگهي.
- واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد لفظ ٺاهي سگهي.
- موقعي جي مناسبت سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- پنهنجي درجي موجب دُرست صورتخطي لکي سگهي.



## مشق

(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- هن نظم جو ڪهڙو بند اوهان کي پسند آهي؟
٢- اهو بند اوهان کي ڇو ٿو وڻي؟

(ب) هِيءُ نظم زباني ياد ڪريو.

(ج) هيءُ نظم ڪورس ۾ سُر سان پڙهو.

(د) 'پيارو' ۽ 'تارو' هڪ جهڙن آوازن وارا لفظ آهن. توهين هيٺ ڏنل لفظن جهڙا ٻيا لفظ لکو:

نرالو ________ پايون ________ شان ________

## (ھ) هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ سهڻن اکرن ۾ لکو:

اعليٰ        روشن        صدقي        عزت        جڳ        جان

## (و) ڪُٺل اکرُ ملائي لفظ پورا ڪريو:


| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | مُ | |
| | | | | ل | |
| | | | | ڪ | |
| | | | | ي | |
| و | ج | ن | ھ | | تُ |

## (ز) لفظ ڻاهيو، جيئن: پيارو - پيارا

جهنڊو.................... تارو..................نرالو....................

## (ح) اوهين آزاديءَ جو ڏينهن ڪيئن ملهائيندا آهيو؟ ڪلاس ۾ ٻڌايو.

## (ط) تصوير ۾ رنگ ڀريو:



## (ي) هيٺ ڏنل لفظن ڪي دُرست صورتخطيءَ سان لکو ۽ دُرست اُچاريو:

صدڪي        خاس        خان        اِلم        طوتان

................................ ................................ ................................ ................................ ................................

**ياد رکو ته:** وطن جي شان وڌائڻ لاءِ علم پرائڻ گهرجي.

**استاد لاءِ هدايت:**

نظم زباني ياد ڪرائي ۽ گڏجي سُر سان چَورائي.

سبق انون

# سر حاجي عبدالله هارون

### سکيا جي حاصلات

- نظم ۽ نثر پڙهي سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.
- هر نصابي سرگرمين بابت گفتگو ڪري سگهي.
- عددي رتا جي ڄاڻ موجب هڪ - ٻه - ٽي ۽ پهريون - ٻيو - ٽيون جو فرق سمجهي سگهي.
- واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد ٺاهي سگهي.
- ڪنهن به موضوع تي موقعي جي مناسبت سان پنهنجن لفظن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه جملا بيان ڪري سگهي.



سنڌ صوبي ۾ ڪيترائي اهڙا نيڪ مرد ٿي گذريا آهن، جن قوم ۽ ملڪ جي ڀلي لاءِ ڪوششون ڪيون. حاجي عبدالله هارون به اهڙن نيڪ ماڻهن مان هڪ هو.

سرحاجي عبدالله هارون، قائد اعظم محمد علي جناح جو ساٿي هو. هن پاڪستان جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. سرحاجي عبدالله هارون ١٨٧٢ع ۾ ڪراچيءَ جي هڪ غريب جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هيءُ ڇئن سالن جو هو ته سندس پيءُ وفات ڪري ويو. اُن ڪان پوءِ سندس ماءُ ڪيس نپايو. ماءُ هن ڪي پڙهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر غربت جي ڪري ڪيس وڌيڪ پڙهائي نه سگهي.

سرحاجي عبدالله هارون جڏهن وڏو ٿيو، ته ڪجهه شيون خريد ڪري پاڙي ۾ وڪڻڻ لڳو. هو روزانو جيڪي ڪمائيندو هو، سو ماءُ جي هٿ ۾ اچي ڏيندو هو. اڳتي هلي هُن سمجهيو ته واپار ڏاڍو فائدي وارو آهي.

حاجي عبدالله هارون، ٿوري وقت لاءِ هڪ دڪاندار وٽ به ڪم ڪيو. سندس پگهار چار روپيا ماهوار هو. هن اُتي به ڏاڍي ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو. ائين ئي هن ڪي واپار جي چڱي ڄاڻ ٿي وئي. اُن ڪان پوءِ پنهنجو ننڍڙو دڪان کولي واپار ڪرڻ لڳو. محنت، سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ جي ڪري، سندس واپار ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. ڪيس ايمانداريءَ جو اهو ڦل مليو، جو هو ٿوري ئي وقت ۾ ڪراچيءَ جي وڏن واپارين ۾ ليکجڻ لڳو.

سر حاجي عبدالله هارون ڪي پنهنجي غريبيءَ وارو وقت ياد هو، اُن

ڪري پاڻ غريبن، يتيمن ۽ ضرورتمندن جي دل کولي مدد ڪندو هو. هُن ڪراچيءَ ۾ ڪيترين ئي مسجدون، ديني ۽ تعليمي ادارا قائم ڪيا. جن مان 'ڪَڏي وارو مدرسو' مشهور آهي.

سرحاجي عبدالله هارون ١٩٤٢ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. اڄ هو اسان وٽ نه آهي، تڏهن به پنهنجي نيڪ ڪمن ۽ خدمتن جي ڪري سيني ڪي ياد آهي. جيڪڏهن اسين به محنت ۽ همت سان ڪم ڪنداسين، ته زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿينداسين.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- سر حاجي عبدالله هارون ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟
٢- پيءُ جي وفات کان پوءِ ڪيس ڪنهن پاليو؟
٣- حاجي عبدالله هارون ڪهڙيءَ تحريڪ ۾ حصو ورتو؟
٤- حاجي عبدالله هارون وڏيڪ ڇو نه پڙهي سگهيو؟
٥- حاجي عبدالله هارون کي ماڻهو ڇو ياد ڪن ٿا؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

نڌيڻ - پرپور - ڄاڻ - همت - لاڏاڻو

### (ج) لفظ ٺاهيو، جيئن: تحريڪ ← تحريڪون

خدمت ................ راهه ..........................


اوطاق .................... ڪوشش ..................

### (د) اوهان جي اسڪول ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون هم نصابي سرگرميون ٿينديون آهن، انهن بابت ٻڌايو.

(ھ) ’ھڪ، ٻہ، ٽي‘ عدد شماري آهن. ’پھريون، ٻيو ، ٽيون‘ عدد قطاري آهن. اوهان هيٺ ڏنل خانن ۾ عدد قطاري لفظ لکو: جيئن: چار - چوٿون

| عدد شماري | عدد قطاري | عدد شماري | عدد قطاري |
|---|---|---|---|
| پنج | | ڏھ | |
| ڇھ | | يارھن | |
| سَت | | ٻارھن | |
| اَٺ | | تيرھن | |
| نَو | | چوڏھن | |

(و) هيٺ ڏنل شخصيتن مان ڪنهن بہ هڪ شخصيت تي پنهنجي لفظن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏھ جملا لکو ۽ بيان ڪريو.


قائد اعظم


علامہ اقبال


محترمہ فاطمہ جناح


شهيد بينظير ڀٽو

(ز) هيٺ ڏنل انگن کي لفظن ۾ لکو: جيئن: ١٠ (ڏھ) ، ١١ (يارھن)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١٢ | | ١٧ | |
| ١٣ | | ١٨ | |
| ١۴ | | ١٩ | |
| ١٥ | | ٢٠ | |
| ١٦ | | ٢١ | |

استاد لاءِ هدايت:

اُستاد ٻارن کي مشق ’ھ‘ وڌيڪ مثالن ذريعي سمجهائي.

## سکيا جي حاصلات

- آکاڻيون، واقعا، مڪالما ٻڌي گهٽ ۾ گهٽ پنجن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- سنڌيءَ ۾ لکيل سادا پيغام ۽ هدايتون سمجهي روانيءَ سان پڙهي سگهي.
- ڪنهن به تصوير يا منظر کي ڏسي ان بابت پنهنجا خيال لکي سگهي.

# آءٌ موبائيل فون آهيان




آءٌ موبائيل فون آهيان. مون کي اوهان مختلف رنگن ۽ روپن ۾ ڏسو ٿا، پڪ اٿم ته اوهان مون کي ڏِسي سَرها ٿيندا هوندا.

پيارا ٻارو! منهنجي ڪهاڻي تمام گهڻي پُراڻي آهي. مون کي ’مارٽن ڪوپر‘ ايجاد ڪيو. آءٌ ٽيليفون جي جديد شِڪل آهيان. شروع ۾ جيڪي ٽيليفون ٺهايون ويون هُيون، اِهي تارن جي ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل هيون ۽ انهن کي هڪ جاءِ کان ٻِي جاءِ تائين کڻي وڃي نه سگهبو هو.

آخرڪار اِهو ڏينهن به اچي ويو، جڏهن سائنسدان پنهنجين ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ ماڻهن جي هٿن ۾ تارن کان سواءِ فون اچي وئي. جنهن جو نالو انهن ’موبائيل فون‘ رکيو. تڏهن کان آءٌ توهان جي خدمت ۾ پيش ٿيس.

منهنجي ايجاد ٿيڻ سان نه صرف ماڻهن جا مسئلا حَل ٿيا آهن پر سندن رابطي جا جديد ذريعا به ممڪن بڻيا آهن. جهڙوڪ: واٽس ايپ، مئسينجر، يُوٽيوب، انسٽاگرام ۽ ٽوئيٽر وغيره. پهريائين منهنجي اسڪرين ننڍي هئي. هاڻي آءٌ اوهان کي وڏي اسڪرين ۾ پڻ ملنديس جنهن جي ذريعي اوهان سهڻن رنگن ۾ مختلف پروگرام، تصويرون ۽ رانديون آسانيءَ سان ڏِسي سگهو ٿا.

شاگردن لاءِ به مون گهڻي آساني ڪري ڇڏي آهي. انهن کي جنهن به

شيءِ بابت ڄاڻ گهربل هجي، تہ اُها انٽرنيٽ جي ذريعي سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهن ٿا. آءٌ ضرورت جي وقت ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، پيغام اُماڻڻ، حساب ڪتاب ڪرڻ، الارم ناهڻ ۽ تصويرون ڪيڻ وغيره جي ڪَمِ اچان ٿي. دفتري ڪمن ۾ مدد لاءِ بہ منهنجو اهم ڪردار هوندو آهي.

ماڻهو هوائي جهازن، ريل گاڏين ۽ بسن جون ٽِڪيٽون بہ منهنجي ئي ذريعي حاصل ڪن ٿا.

ٻارو! اوهان ويڊيو رانديون بہ منهنجي ذريعي کيڏندا آهيو ۽ ٻيا تفريحي پروگرام بہ ڏسندا آهيو. اِها ڳالهہ ياد رکو تہ، گهڻي دير تائين رانديون کيڏڻ ۽ پروگرام ڏسڻ توهان جي نظر لاءِ نقصانڪار آهن.

پيارا ٻارو! اوهان بہ ٻين جي مدد ڪندا رهو. ڇو تہ ٻين جي مدد ڪرڻ سان ئي اصل خوشي حاصل ٿيندي آهي.

چڱو هاڻي، موڪلاڻي ناهي. سدائين گڏ! الله واهي!

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- موبائيل فون جي رابطي جا ڪهڙا جديد طريقا آهن؟
٢- موبائيل فون ڪنهن ايجاد ڪئي؟
٣- اوهان موبائيل فون مان ڪهڙا ڪهڙا فائدا حاصل ڪندا آهيو؟
٤- موبائيل فون جي گهڻي استعمال جا ڪهڙا نقصان آهن؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رُوپ | مهاندو-مُک-مُکڙو | نِت | سدائين-هميشہ-هروقت |
| سولائي | آساني-سهنجائي-سهولت | شڪايت | ڏوراپو-دانهن |
| پيغام | نياپو-سنيهو | واهي | نگهبان-حفاظت ڪندڙ |

(ج) اوهين موبائيل فون ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل کو پيغام پڙهي ٻُڌايو.

(د) پاڻ بابت گهٽ ۾ گهٽ ڏهه جُملا لکو.

(هه) تصويرون ڏسو ۽ نالا لکو:

(و) موبائيل فون تي اوهين ڪهڙيون رانديون کيڏندا آهيو؟ انهن مان ڪن ٻه ٽن جا نالا لکو:

١. ____________________

٢. ____________________

٣. ____________________

**سرگرمي**

اُستاد ٻارن کي واري واري سان موبائيل فون جي تصوير وارو ڪاغذي چهرو مُنهن تي پارائي ۽ ڪين موبائيل فون جي آتم ڪهاڻي ٻُڌائڻ لاءِ چئي.

### استاد لاءِ هدايت:


- اُستاد، ٻارن کي موبائيل فون بابت وڊيڪ ڄاڻ ڏئي.
- اُستاد، ٻارن کي موبائيل فون جي فائدن ۽ نقصانن کان آگاهه ڪري.
- اُستاد،ٻارن کي آتم ڪهاڻي بابت سمجهائي ۽ مشق 'د' حَل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.
- اُستاد،ٻارن کي واٽس ايپ،مئسينجر، ٽوئيٽر، يوٽيوب ۽ ٽچ اسڪرين بابت ڄاڻ ڏئي.

سبق ڏھون

# رستي تي هلڻ جا قاعدا

### سکيا جي حاصلات

- سوالن کي غور سان ٻُڌي سمجهي سگهي.
- هر نصابي سرگرمين دوران ڳالھ ٻولھ ٻڌي سمجهي سگهي.
- پنهنجي گهر ۽ اسڪول جي ضرورتن ۽ معاملن تي گفتگو ڪري سگهي.
- جملي ۾ ڪم آندل هم معنيٰ لفظ سڃاڻي سگهي.
- روزمره جي زندگي (گهر، اسڪول، مسجد، مندر، چرچ ۽ گردوارو) ۾ نظم و ضبط جو مظاهرو ڪري سگهي.
- مڪالمن کي تاثرات ۽ درست ادائگيءَ سان پڙهي سگهي.



قربان جو وڏو ڀاءُ شعبان گهر پهتو تہ ڪجھ پريشان هو. پيءُ پڇيس تہ، ”اَبا، خير تہ آهي؟“

شعبان ڏڪارو ٿي ٻُڌايس تہ ”شهر جي چوواٽي تي هڪ موٽر سائيڪل سوار نوجوان سگنل ٽوڙي اڳتي وڌيو تہ ان جو حادثو ٿي پيو. ڪيس ڳُٽيءَ جوڳي حالت ۾ اسپتال ڪٽائي ويا.“

اها ڳالھ ٻُڌي گهر جي ڀاتين کي ڏاڍو ڏُک ٿيو.

قربان پيءُ کان پڇيو، بابا اهي حادثا ڇو ٿا ٿين؟

**پيءُ:** پُٽ! اهي حادثا اجائي تڪڙ، لاپرواهي ۽ ٽرئفڪ جي اصولن تي نہ هلڻ جي ڪري ٿين ٿا.

**قربان:** بابا سائين، انهن حادثن کان ڪيئن بچي سگهجي ٿو؟

**پيءُ:** ٽرئفڪ جي اصولن تي عمل ڪرڻ سان حادثن کان بچي سگهجي ٿو.

**قربان:** ٽرئفڪ جا ڪهڙا اصول آهن؟

**پيءُ:** پُٽ، رستي تي لڳل ٽرئفڪ سگنل تہ تو بہ ڏٺا هوندا؟

**قربان:** ها بابا سائين، جن ۾ ڳاڙهي، هيڊِي ۽ سائي بتي هوندي آهي.

پيءُ: هائو پُٽ، اهي بتيون، ٽرئفڪ کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اشارا هوندا آهن.



قربان: بابا سائين، پنڌ هلڻ وارن لاءِ ڪهڙا اصول آهن؟

پيءُ: پنڌ هلڻ وارن کي فٽ پاٿ تي هلڻ گهرجي.

قربان: بابا سائين، پنڌ هلڻ وارن کي رستو ڪيئن پار ڪرڻ گهرجي؟

پيءُ: ان لاءِ رستي تي اڇا ۽ ڪارا پَٽا ٺهيل هوندا آهن، جن کي 'زيبرا ڪراسنگ' چئبو آهي. پنڌ هلڻ وارن کي اتان رستو پار ڪرڻ گهرجي.

ماءُ: ان کان سواءِ رستن جي پاسن کان لڳل بورڊن تي ٻيا مختلف اشارا بہ ڏنل هوندا آهن. انهن اشارن مان موڙ، چاڙهي، پُل ۽ ٻين ڳالهين جي خبر پوندي آهي.

قربان: توهان جي وڏي مهرباني. توهان ڏاڍيون ڪم جون ڳالهيون ٻُڌايون.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- شعبان ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري پريشان هو؟

٢- سگنل ۾ ڪهڙن رنگن جون بتيون هونديون آهن؟

٣- پنڌ هلڻ وارن لاءِ ڪهڙا اُصول آهن؟

٤- رستي تي هلڻ جي قائدن تي عمل نہ ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| قاعدا | پنڌ | ڊري | ڳٽتي | موڙ |

(ج) ’واٽ‘ ۽ ’رستو‘ هم معنيٰ لفظ آهن.

جيئن: آءٌ واٽ وٺيو پئي ويس تہ رستي تي هڪ وڻ نظر آيو.
اوهان هيٺ ڏنل جملن مان هم معنيٰ لفظ چونڊي لکو:

١- نعيم رستو پار ڪرڻ مهل تڪڙ ڪئي، اسان کي رستو پار ڪرڻ مهل اُبهرائپ نہ ڪرڻ گهرجي.

٢- پرائي ماڻهوءَ سان گڏ نہ وڃڻ کپي، نہ ئي ڌارئين ماڻهوءَ کان پئسو يا شيءِ وٺڻ گُهرجي.

(د) اوهان ڪهڙين ڪهڙين سوارين ۾ سفر ڪيو آهي؟ انهن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪريو.

(ھ) اوهان پنهنجن گهرن ۾ پنهنجين شين کي ڪيئن سنڀالي رکندا آهيو؟ جيئن: ٿيلهو، ڪتاب، ڪپڙا ۽ ٻيو سامان وغيره.

(و) هيٺ ڏنل خال ڀريو:

* ٽرئفڪ جي اصولن تي ................. ڪريو.
* پنڌ هلڻ واري کي ................. تان هلڻ گهرجي.
* رستي تي ............. ۽ ............. پٽا نهيل هوندا آهن، جن کي ................. چئبو آهي.

## (ز) هيٺ ڏنل ٽريفڪ جي اشارن (نشانين) کي پڙهو ۽ ياد ڪريو:


رستو پار ڪرڻ


ڪم هلندڙ


ون وي


کابي پاسي نہ مڙو


يو ٽرن نہ وٺو


اڳيان موڙ آهي

**ياد رکو تہ:** پنڌ هلڻ واري کي رستي جي ساڄي پاسي کان هلڻ گهرجي.

**استاد لاءِ هدايت:**

اُستاد ٻارن کي مشق ’ز‘ بابت وڌيڪ سمجهائي.

سبق يارهون

# رانديون

### سکيا جي حاصلات

- سبق، آکاڻي يا واقعو پڙهي يا ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- ضمير خالص جي (’آءُ‘، ’مان‘، ’اسين‘ ۽ ’اسان‘، ’تون‘، ’توهان‘، ’اوهين‘، ’اوهان‘، ’هُو‘، ’هوءَ‘، ’اُهي‘ وغيره) لفظن جي مفهوم کي سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.
- مناسب آواز ۽ لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪري سگهي.
- ڪنهن بہ عنوان تي ڏهہ سادا ۽ مربُوط جملا لکي سگهي.

سنڌ ۾ ڪيترين ئي ثقافتي راندين آهن. جيڪي مختلف علائقن ۾ کيڏيون ويندين آهن. انهن مان ڪجھ راندين هِي آهن:

## اِٽي ڏڪر راند



اِٽي ڏڪر راند کي ’ڏِڪي ڏڪر‘ پڻ چيو ويندو آهي. هِيءَ راند ننڍا ٻارَ ڪندا آهن. ڪاٺ جو ننڍو ٽُڪر ٻنهي پاسن کان تورو سَنهو ۽ وِچ تي ٿُلهيرو ناهيندا آهن، جنهن کي ’اِٽي‘ چوندا آهن. ٻي ڪاٺِي بہ فُٽ ڪن ڊِگهي ڪٽيندا آهن، جنهن کي ’ڏڪَر‘ چوندا آهن.

## اِرچڪ - مِرچڪ راند

هِيءَ راند بہ ٻارن لاءِ هوندي آهي، انهيءَ راند جا هِي ٻول آهن:



اِرچڪ مِرچڪ، ڏاٽا ڏِرچِڪ
آڱ پتيهر ، تويو تِيهر
لوهو لاٽُون، چنڻ گهاٽُون

ٻولن جا مختلف علائقن ۾ مختلف رُوپ تِين ٿا. انهن ٻولن چوڻ سان گڏ هرهڪ ٻار تي هَٿُ هَٿُ رکبو وجبو. جنهن ٻار تي ٻولُ کُٽو، اهو ٻار وجي لِڪندو. ائين ڪندي ڪندي آخر ۾ جيڪو ٻار بچيو،اُهو آڱ ڏيندو.

## مَلھہ راند



مَلھہ سنڌ جي ھڪ عوامي راند آھي. مَلھہ جي مقابلي کي ملاکڙو بہ چئبو آھي. مَلھہ جسماني قوت ۽ تندرستيءَ کي سُڌارڻ ۽ قائم رکڻ جو ھڪ وڏو ذريعو آھي. وڏن قومي ۽ مذھبي ڏينھن تي ھيءَ راند کيڏي ويندي آھي. ملاکڙي جي ميدان جي چوڌاري، مَلھہ ڏِسڻ جا شوقين مَلھن کي داد ڏيڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا آھن. جن مان کجھہ قدردان مَلھہ مارينڙ پھلوان کي انعام بہ ڏيندا آھن.

رانديون، صحت جي لاءِ تمام گھڻيون ضروري آھن. رانديون اسان جي جسم کي سگھارو ۽ دماغ کي مضبوط بڻائين ٿيون. رانديون اسان ۾ ھِمٿ، ايڪتا، سچائي، اڳواڻي ۽ قاعدن جي پابنديءَ جھڙا گڻ پيدا ڪَن ٿيون.

## مشق

### (الف) ھيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- اِتي ڏکر راند کي ٻيو ڇا چئبو آھي؟
٢- اِرچڪ - مِرچڪ راند ڪيئن کيڏي ويندي آھي؟
٣- رانديون، ڪھڙا ڪھڙا گُڻ پيدا ڪن ٿيون؟
٤- رانديون اسان لاءِ ڇو ضروري آھن؟

### (ب) ھيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙھو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عوامي | عام ماڻھن جو - عام لوڪن جو | اڳواڻي | رھبري |
| قدردان | قدر وارو - قدر ڪندڙ | گُڻ | لڇڻ - چڱي عادت |
| آڳ | وارو (راند ۾) | ذريعو | وسيلو- واسطو- معرفت |

(ج) ڪجھ ٻين راندين جا نالا لکو.

(د) ’رانديون صحت لاءِ ڇو ضروري آهن؟‘ جي موضوع تي پنهنجي ڪلاس ۾ تقرير ڪريو.

(هہ) اوهان ڪا راند اسٽيڊيم ۾ ويهي ڏٺي هجي تہ ان بابت ٻڌايو. اُن اسٽيڊيم ۾ توهان کي ڇا ڇا نظر آيو، اهو پڻ ٻڌايو.

(و) مناسب لفظ چونڊي، جملا مڪمل ڪريو:

١. ________ احمد آهيان. (آءٌ ، اسين ، توهان )
٢. ________ شاگرد آهيون. ( توهان، اُهي، اسين )
٣. ________ انب کائين ٿو. ( اُهي، هُوءَ، تُون )
٤. ________ ڇوڪِري آهي. ( تُون، توهان، هُوءَ )
٥. ________ ڇوڪرا آهن. ( توهان، اُهي، اسين )
٦. ________ ڊاڪٽر آهي. ( اُهي،اسين، هُو )

(ز) اوهان جي ڳوٺ / شهر ۾ صفائيءَ ۽ سُترائيءَ جو نظام ڪيئن آهي؟ انهيءَ بابت هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١. ڳوٺ / شهر ۾ رستا ۽ گهٽيون ڪيئن آهن؟
٢. ڇا ڳوٺ / شهر ۾ ناليون صاف آهن؟
٣. ڳوٺ / شهر جون اسپتالون ڪيئن آهن؟ اُتي ڪي سهولتون آهن تہ بيان ڪريو.
٤. ڳوٺ / شهر ۾ پاڻيءَ جي سهولت ڪيتري آهي؟
٥. ڳوٺ / شهر ۾ بجليءَ جي سهولت ڪيتري آهي؟
٦. ڳوٺ/ شهر جي اسڪولن ۾ صفائيءَ ۽ سُترائيءَ جو ڪيترو بندوبست ٿيل هوندو آهي؟

(ح) اوهان کي جيڪا راند پسند آهي، انهيءَ بابت ڪي بہ ڏهہ جملا لکو.

## (ط) هيٺ ڏنل تصوير کي غور سان ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:



١- ڍنڍ جي پرسان ڇا ڇا آهي؟

٢- ڍنڍ ۾ ڪهڙا پکي آهن؟

٣- ڍنڍ جي ڪَپَرَ تي ڪيترا ماڻهو آهن؟

٤- ٻيڙي ڪٿي نظر اچي رهي آهي؟

٥- ڍنڍ ۾ ڪهڙا جانور آهن؟

### استاد لاءِ هدايت:

- ٻارن کي مشق 'ڊ' بابت وڌيڪ سمجهائي، ڪين ڄاڻايل موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪرائي.
- اُستاد ٻارن کي اسڪول ۾ رانديون ڪرائي.

سبق ٻارهون

# قربانيءَ جي عيد

## سکيا جي حاصلات

- سبق، آکاڻي يا واقعو پڙهي يا ٻُڌي اُن بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪابہ ڳالھ ٻُڌي ان جو تجزيو ڪري ٻُڌائي سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- عبارت ۾ آيل نون لفظن کي ٻڌي درست اچاري سگهي
- موقعي جي مناسبت سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي".

مسلمانَ هر سال ذوالحج مهيني جي ڏهين تاريخ تي قربانيءَ جي عيد ملهائيندا آهن. اُن کي عيدالاضحيٰ يا قربانيءَ جي عيد چيو ويندو آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام هڪ پلارو نبي ٿي گذريو آهي، جنهن کي ’خليل الله‘ يعني ’الله جو دوست‘ سڏجي ٿو.



هڪ ڏينهن حضرت ابراهيم عليه السلام کي، الله سائينءَ خواب ۾ حڪم ڏنو تہ پنهنجِي سڀ کان پياري شيءِ الله جي راهہ ۾ قربان ڪر.

حضرت اسماعيل عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام جو نهايت سُلڇڻو، سَدورو ۽ سڀ کان پيارو پُٽ هو. ان ڪري حضرت ابراهيم عليه السلام کي قربانيءَ لاءِ پنهنجي پياري پُٽ جو خيال آيو.

حضرت ابراهيم عليه السلام، پنهنجي پياري پُٽ حضرت اسماعيل عليه السلام کي قربان ڪرڻ لاءِ مِنيٰ جي ميدان ۾ وٺي ويو. اهو ڏهين ذوالحج جو ڏينهن هو. الله سائينءَ کي پنهنجي نبيءَ جي اها ادا تمام گهڻي پسند آئِي. حضرت ابراهيم عليه السلام جڏهن پُٽ کي قربان ڪرڻ لڳو تہ خدا جي قدرت سان هڪ ڏُنبو ظاهر ٿيو. حضرت ابراهيم عليه السلام کي الله سائينءَ جو حڪم ٿيو تہ

اِن ڏُنبي کي قربان ڪر. اهڙيءَ ريت حضرت ابراهيم عليه السلام جي ان قربانيءَ جي ياد ۾ مسلمان اڄ تائين ڏهين ذوالحج تي قربانيءَ جي عيد ملهائيندا آهن ۽ جانورن جي قرباني ڪندا آهن.

قربانيءَ جي گوشت جا ٽي حصا ڪيا ويندا آهن. هڪ حصو پنهنجي لاءِ رکبو آهي. ٻيو حصو مائٽن، عزيزن ۽ دوستن لاءِ ۽ ٽيون حصو غريبن، مسڪينن ۽ ٻاڙي وارن کي ڏنو ويندو آهي.

پيارا ٻارو! اسان کي به گهرجي ته نيڪي ۽ ڀلائيءَ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ سکون. پنهنجي ڪمائيءَ مان غريبن، مسڪينن ۽ ٻاڙي وارن جي مدد ڪريون.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- حضرت ابراهيم عليه السلام کي الله سائينءَ خواب ۾ ڪهڙو حڪم ڏنو؟
٢- حضرت ابراهيم عليه السلام جي پياري پٽ جو نالو ڇا هو؟
٣- الله سائينءَ جي حڪم سان ڪهڙو جانور قربانيءَ لاءِ ظاهر ٿيو؟
٤- قربانيءَ جي گوشت جا ڪيترا حصا ڪبا آهن؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

راهه حصو سَدورو نيڪي

### (ج) هيٺ ڏنل جملا درست ڪري لکو:

* قربانيءَ گوشت جي ٽي حصا جا ويندا ڪيا آهن.
* ڏُنبي ڪر کي قربان.
* قرباني عيد جي ڏهين ذوالحج ٿيندي تي آهي.

### (د) 'قربانيءَ واري عيد' جي موضوع تي ڪي به ڏهه سادا جملا لکو.

### استاد لاءِ هدايت:

ٻارن کي قربانيءَ جي عيد بابت وڌيڪ سمجهائي.


## سبق تيرهون

# قائد اعظمؒ (بيت)

### سکيا جي حاصلات

- نظم ۽ نثر پڙهي سوالن جا دُرست جواب ڏئي سگهي.
- نظم مان پنهنجي پسند جي شعر جو مفهوم لکي سگهي.
- ڏهن کان پندرهن جملن واري سادي عبارت پڙهي سمجهي سگهي.
- هم آواز لفظ ڳولي لکي سگهي.
- ڪوبہ نظم انفرادي يا اجتماعي طور تي سُر ۽ لئہ سان پڙهي سگهي.





قائداعظم جا ڳُڻ ڳايو،
جنهن هي پاڪستان بنايو.

محنت محنت محنت محنت،
محنت ۾ ئي آهي عظمت.
قائداعظم هو فرمايو،
جنهن هي پاڪستان بنايو.

علم اوهان جي قسمت آهي،
وقت وڏي هڪ دولت آهي.
قائداعظم هو فرمايو،
جنهن هي پاڪستان بنايو.

سيئي پاڪستاني آهيون،
گڏجي پاڪ وطن کي ناهيون،
قائداعظم هو فرمايو،
جنهن هي پاڪستان بنايو.

علي محمد 'مجروح'

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- هن بيت مان توهان کي ڪهڙو بند وڌيڪ وڻي ٿو؟
٢- جيڪو بند توهان کي وڌيڪ وڻي ٿو، اهو ڇو ٿو وڻي؟
٣- هن بيت ۾ قائداعظم اسان کي ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

ڳُڻ    عظمت    قسمت    دولت

### (ج) هِيءُ بيت زباني ياد ڪريو ۽ ڪورس ۾ سُر سان ٻڌايو.

### (د) هيٺ ڏنل بند مڪمل ڪريو:

* محنت محنت ........................ محنت،
محنت ۾ .................... آهي عظمت.
قائداعظم ............................ فرمايو،
جنهن هي ............................... بنايو.

* علم ......................... قسمت آهي،
وقت ......................... دولت آهي.
قائداعظم هو فرمايو،
جنهن ................ پاڪستان بنايو.

### (هه) هن بيت مان هم آواز لفظ ڳولي لکو.

### (و) قائداعظم بابت ڪي ٻه ست جُملا لکو.

### استاد لاءِ هدايت:


ٻارن کي بيت سُر ۽ لئه سان ڪورس واري انداز ۾ پڙهائي.

سبق چوڏهون

# مسڪين جهان خان کوسو

### سکيا جي حاصلات

- سبق، آکاڻي يا واقعو پڙهي يا ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- تعليمي سير ۽ تفريحي پروگرامن جي مشاهدي کي زباني ۽ تحريري طور تي پيش ڪري سگهي.
- گفتگوءَ ۾ پنهنجي موقف کي بيان ڪري سگهي.



مسڪين جهان خان کوسو، سنڌ جي تاريخي ضلعي ٿرپارڪر جي ڳوٺ ’ساميءَ جي وِيرِي‘ ۾ ڄائو هو. هو ٿر جي ماڻهن جو هڏڏوکي هو. سندن ڏک سک ۾ مدد لاءِ هڪيو حاضر هوندو هو.

جهان خان کوسو غريبن جي همدرد هئڻ ڪري پاڻ کي سڏائيندو ئي ’مسڪين‘ هو. هو ٿر جي زميندار خاندان جو فرد هو. سندس پيءُ جو نالو بجارخان کوسو هو. مسڪين جهان خان جوانيءَ ۾ پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪئي، پر پوءِ هن ٿر جي غريبن جي خدمت جي جذبي هيٺ نوڪري ڇڏي ڏني. هو اسپتالن ۾ بيمارن جي دوا درمل جو بندوبست ڪندو هو، بيگناهن کي ڏاڍاين کان ڇوٽڪارو ڏياريندو هو. ڏڪار وقت ڪاڌي پيتي ۽ ضرورت جي شين ڏيارڻ ۾ غريبن جي مدد ڪندو هو. هن پنهنجي ڳوٺ ’ساميءَ جي وِيرِيءَ‘ ۾ اسڪول کولايو. اُن لاءِ پنهنجو گهر ڏنائين ۽ پاڻ وڃي مَنهُن اڏي وينو.

ٿر جا ماڻهو جڏهن مسڪين جهان خان کي ڏسندا هئا ته ساڻس پنهنجا اَهنج اوري، کيس داد فرياد لاءِ چوندا هئا. هو بہ بنا ڪنهن فرق جي سيني جا اَهنج ڏُور ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو هو. غريبن جون درخواستون وس وارن تائين پهچائي، سندن مسئلا حل ڪرائيندو هو.

مسڪين جهان خان سادگي پسند انسان هو. سادو کائيندو هو ۽ سادو پهريندو هو. غريبن سان همدرديءَ واري سندس سلوڪ ۽ سماجي خدمتن جي ڪري، نہ رڳو ٿر جا ماڻهو پر اڄ بہ سڄيءَ سنڌ جا ماڻهو کيس محبت ۽ عزت

سان ياد ڪن ٿا. اسان کي مسڪين جهان خان کوسي جي زندگيءَ مان سبق حاصل ڪري، غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ گهرجي.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١. جهان خان کوسو پاڻ کي ’مسڪين‘ ڇو سڏائيندو هو؟
٢. مسڪين جهان خان پوليس جي نوڪري ڇو ڇڏي؟
٣. مسڪين جهان خان اسڪول قائم ڪرائڻ لاءِ ڇا ڪيو؟
٤. مسڪين جهان خان کوسي جي زندگيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

هَڪيو  چائو  اَهنج  ڏُور  ڏُڪار

### (ج) هيٺ ڏنل خال ڀريو:

* مسڪين جهان خان ................... پسند انسان هو.
* مسڪين جهان خان سادو کائيندو ۽ سادو ................. هو.
* هو بنا ڪنهن فرق جي ................. جا............... ڏور ڪرڻ لاءِ ............ ڪندو هو.

### (د) اوهان پنهنجي ڳوٺ جي، ڪنهن سماجي خدمتگار جي خدمتن بابت پنهنجي ساٿين کي ٻڌايو.

### (هه) اوهان ٽُر يا ڪو ٻيو تفريحي ماڳ گهميو هجي ته ان جو احوال پنهنجن لفظن ۾ لکو ۽ ٻُڌايو.

(و) ڪلاس ۾ ٻہ ٽوليون ناهيو ۽ 'همدردي' جي موضوع تي هڪٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. ان مان ڪي ٻہ پنج اهم نُڪتا بيان ڪريو.

**ياد رکو تہ:**

- ٿر ۽ ڪوهستان ۾ جڏهن برسات نہ پوي، فصل نہ ٿين ۽ ڪاڏي پيتي جي شين جي سخت اڻاٺ ٿئي تہ ان حالت کي 'ڏُڪار' چئبو آهي.
- ڏڪار وقت غريبن جي مدد ڪرڻ هر انسان جو فرض آهي.

**استاد لاءِ هدايت:**

اُستاد، ٻارن جون ٽوليون ناهي انهن کي همدرديءَ جي موضوع تي گفتگوءَ دوران سندن رهنمائي ڪري.

### سکيا جي حاصلات

- عبارت ۾ آيل نون لفظن کي ٻڌي درست اچاري سگهي.
- گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگهي.
- اسم، ضمير، صفت ۽ فعل جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي.
- جملي جي جوڙجڪ ۾ زمان جي تبديلي ’آهي‘، ’هو‘ ۽ ’هوندو‘ موجب ڪري سگهي.

سبق پندرهون

# ڏِيارِي



**انيتا:** پرڪاشَ! سُڀاڻي ڏياريءَ جو وڏو ڏينهن آهي.

**پرڪاش:** انيتا، اسين ڏِيارِي ڇا جي ڪري مَلهائيندا آهيون؟

**انيتا:** پرڪاشَ! اڳئين زماني ۾، سِري رامچَندرَ پَنهنجي مخالف راوڻ کي جنگ ۾ هارايو هو. هُو سوڀ حاصل ڪري پَنهنجي گهرواريءَ سِيتا سان گڏجِي، پَنهنجي مُلڪ ڏانهن موٽيو. جنهن ڏِينهن پنهنجي شهر ۾ آيو، تنهن ڏِينهن سَيني هِندُن پَنهنجا گهرَ سينگاريا ۽ ڏيئا ٻاريا هئا. اَسِين سَيئِي اهو ڏِڻ مَلهائِڻ لاءِ، پَنهنجن گهرَن کي سِينگاريندا آهيُون ۽ خُوشيُون ڪندا آهيُون.

**پرڪاش:** انيتا، اَسان جي گهرَ کي بہ دادا،ڄُڻَ جي پوڄِي ڏِيارِي آهي. ڇَيائين ٿي تہ ڏِياريءَ جي سَنبَت پيا ڪريُون.

**انيتا:** روشنيءَ لاءِ ڇا ڪيو اَٿوَ؟

**پرڪاش:** ٺِڪرَ جا ڏيئا وَرتا اَٿئُون، ۽ ٻَتيُون بہ ٻاريداسين. سنگيتا ۽ مُنهنجي لاءِ دادا نوان ڪپڙا بہ نهرايا آهن.

**انيتا:** بس، ٻيو بہ ڪُجُھ وَرتو اَٿوَ!

پرڪاش: انيتا، دادا چٽنگائي تيليون ۽ ڏَڪٽيُون ٻـ گُهرايُون آهن. مٺا لڏون، لايون ٻـ ڪائيندا سِين ۽ مِنائِي ٻـ وِرهائيندا سين.

انيتا: مِنائِيڪنهن ڪنهن کي ڏِيندا؟

پرڪاش: دادا چيو تي تـ "مِنائِي مِٽن مائٽن ۽ دوستن کي بـ ڏيندا سِين ۽ پاڙيوارن مُسلمائن کي بِہ موڪليندا سين."

انيتا: مُسلمان اُوهَان کي ڇا موڪلين؟

پرڪاش: هاڻي جيڪا مسلمانن جي عِيد گُذرِي، تنهن تي پاڙيوارن مُسلمان پائرن اَسان کي سَيُون ۽ ميوو موڪليو هو.

انيتا: تڏهن چئبو تہ پاڙيوارن سان اوهان جو چڱو ناتو آهي!

پرڪاش: هائو، دادا چوَندو آهي تہ "سيئي انسان هندُو توڙي مُسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن." اسين تہ راند رُوند بہ پاڙيوارن مُسلمان چوڪرن سَان ڪيڏون. وَڏن ڏِينهن تي ساڻن گَڏجِي گهُمُون.

انيتا: شاباس! پاڻ ۾ هَميشَہ ڪِير ڪنڊ تِي رهڻ ڪپي.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- ڏياري جو ملهائي ويندي آهي؟
٢- ڏياريءَ جي ڏينهن جا ڪبو آهي؟
٣- پرڪاش کي سندس دادا ڪهڙي چڱي ڳالهه ٻڌائي؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

ڏياري سوڀ سنبت ڪيرڪنڊ پوڇِي

### (ج) اوهين پنهنجا پنهنجا مذهبي ڏڻ ڪيئن ملهائيندا آهيو؟ انهن بابت ٻڌايو.

(د) هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب لفظ چوندي جملا مڪمل ڪريو:

هوندو - آهي - هو

* اڄ عيد جو ڏينهن ______ * ڪالهه سومر جو ڏينهن ______
* سڀاڻي اڱاري جو ڏينهن ______

(هہ) ”ٻار اسڪول ۾ پڙهڻ ويا آهن“. هن جملي ۾ ’ٻار‘ ۽ ’اسڪول‘ لفظ اِسمَ آهن. اوهان هيٺ ڏنل جملن مان ٻيا اسم چوندي ٻڌايو.

١- گهوڙو هڪ جانور آهي.
٢- پکي ٽاريءَ تي ويٺو آهي.
٣- جانب منهنجو دوست آهي.

ياد رکو تہ:

- سڀني مذهبن جا خاص ڏينهن احترام جوڳا آهن. اسان سڀني کي انهن جو احترام ڪرڻ گهرجي.
- ڏياري هر سال ’اسوءَ‘ جي مهيني جي آخري ٽن ڏينهن ۾ ملهائي ويندي آهي.

استاد لاءِ هدايت:


- اُستاد، ٻارن کي سڀني مذهبي ڏڻن بابت ڄاڻ ڏئي ۽ انهن جي احترام ڪرڻ جي تلقين ڪري.
- اُستاد، ٻارن کي اسوءَ کان سواءِ ٻين ٻارهن مهينن جو چارٽ ڏيکاري ۽ مُندن موجب مهينن جي ڄاڻ ڏئي.

# سَهي ۽ ڪڇونءَ جي ڳالهه

(تصويري ڪهاڻي)

### سکيا جي حاصلات

- تصوير / تصويري آکاڻي ڏسي، ان بابت پڇيل سوالن جا جواب لکي سگهي.
- آکاڻيءَ جي ڪردارن بابت پسند يا نا پسند متعلق ٻڌائي سگهي.
- ’جو، ۾، تي‘ جو درست استعمال ڪري سگهي.
- آکاڻيون پڙهي ۽ ٻڌي ان جا نتيجا اخذ ڪري سگهي ۽ ان کي عملي زندگيءَ سان جوڙي سگهي.




### استاد لاءِ هدايت:

اُستاد ٻارن کي تصويري آکاڻي ناهڻ ۾ مدد ڪري.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- تصويرن ۾ ڏنل جانورن جا نالا ٻُڌايو.
٢- تصويرن ۾ جانورن کان سواءِ ٻيون ڪهڙيون شيون ڏيکاريل آهن؟
٣- تصويرون ڏسي آکاڻي ٻُڌايو.
٤- هن تصويري آکاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙو سَبق ملي ٿو؟

## (ب) تصويرن جي مدد سان ٻي ڪا آکاڻي ناهي ڏيکاريو.

## (ج) سهي ۽ ڪچونءَ مان اوهان کي ڪهڙو ڪردار پسند آهي ۽ ڇو؟

## (د) (جو - ۾ - تي) کي جملن ۾ استعمال ڪريو.

جيئن: ميز تي ڪتاب آهي.

- اسڪول ______ ٻار پڙهن ٿا.
- ڪٺ ______ ويهه.
- اسلم ______ پاءُ آيو.

سبق سترهون

## سکيا جي حاصلات

- نظم، سُر ۽ لئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.
- نظم مان پنهنجي پسند جي شعر جو مفهوم لکي سگهي.

# اچو اوهان جي دِل وندرايان (نظم)



اچو اوهان جي دل وندرايان،
ٻاراڻا ڪي ٻول ٻُڌايان.

ڇا جو راجا، ڇاجي راڻِي،
ربّ سڳورو سڀ جو ساڻِي.

مور پکيءَ جو مِٺڙو نالو،
علم سان هر هنڌ آهي اُجالو.

مڪتب آهي ماڳ اسان جو،
محنت سان ئي ڀاڳ اسان جو.

سَنگَ سُنهرا، سائو گاهُ،
لِکڻ پَڙهڻ سان رَکجي چاهُ،

ڪِلڪَ نئِين، پَر پَنِّي پُراڻِي،
اَجوڪِي پُوري تِي گڏجاڻِي.

ادل سومرو

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- هن نظم مان اوهان کي ڪهڙو بند پسند آهي؟
٢- اوهان کي اهو بند ڇو ٿو وڻي؟
٣- هن نظم ۾ شاعر ڪهڙين ڪهڙين شين جو ذڪر ڪيو آهي؟

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

سڳورو    ساٿي    ٻول    گڏجاڻي    کِلڪَ    چاھُ

(ج) هي نظم سُر ۽ لئه سان پڙهي ٻڌايو.

(د) شاعرنظم ۾ ٻارن کي جيڪي نصيحتون ڪيون آهن اُهي پنهنجي لفظن ۾ لکي ڏيکاريو:

(هہ) هيٺ ڏنل لفظن جا هم آواز لفظ ٻڌايو ۽ لکو:

- وندرايان ..................
- راڻي ....................
- گاھ ....................
- پُراڻي ..............

(و) هيٺ ڏنل بند جي سمجهاڻي لکو:

- سَنگَ سُنهرا ، سائو گاھُہ،
  لِکڻ پَڙهڻ سان رَکجي چاھُہ.

استاد لاءِ هدايت:

ٻارن کي نظم سُر ۽ لئه سان ڪورس واري انداز ۾ پڙهائي.

## سکيا جي حاصلات

- عبارت ۾ آيل نوان لفظ دُرست اُچاري سگهي.
- بصري لفظ رواني سان پڙهي سگهي.
- پنجاهه تائين ٻٽپ جا انگ سنڌي لفظن ۾ لکي سگهي.
- سادو جملو لکڻ وقت پورو دم، ٿورو دم ۽ سوال جي نشانيءَ جو درست استعمال ڪري سگهي.
- ڪنهن به عنوان (منهنجو گهر،منهنجو اسڪول، منهنجا دوست، منهنجا والدين وغيره تي ڏهه سادا ۽ مربوط جملا لکي سگهي.
- جملي ۾ ڪم آندل هم معنيٰ لفظ سڃاڻي سگهي.
- واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد لفظ ٺاهي سگهي.

# گهَٽگهُرو دوست



سارنگَ کي اُداس ڏسي، سندس مرحيات پيءُ جي دوست چاچي قاسم پُڇيو ته، ”ابا سارنگَ! خير ته آهي، اڄ تون مون کي مُنجهيل پيو لڳين؟“

سارنگَ ڪيس دل جو سربستو احوال ڏيندي چيو ته ”چاچا، بابا سائينءَ کان پوءِ اسان جي گهر جو گذر سفر ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي ته ڇا ڪريان!“

چاچو قاسم سياڻو ۽ زماني جو ماڻهو هو. هن کي اهو به معلوم هو ته سارنگَ جي پيءُ وٽ زمين جو ٽڪرو هو، جيڪو سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ غيرآباد پيو هو. تنهن ڪري ، اهو خيال ايندي ئي هُن سارنگَ کي رازداريءَ واري انداز ۾ چيو ته ”مون کي هڪ ڀيري تنهنجي پيءُ ٻُڌايو هو ته هن پنهنجِي زمين ۾ سونَ جي ديڳ پوري رکي هئي. پر هن اها جاءِ ڪانه ٻُڌائي ۽ نه وري مون ئي ان کان پُڇڻ مناسب سمجهيو. هاڻ تون پنهنجِي اُها ملڪيت پاڻ کوٽي هٿ ڪر ۽ پنهنجي گهر ياتين کي به سُکيو ڪر. ان سلسلي ۾ آءٌ توسان هر قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!“



ٻيو ڏينهن ٿيندي ئي سارنگ غيرآباد ٻنيءَ ۾ جهنگ جي واڍِي شروع ڪئي. گند گاهه صاف ڪرڻ ۽ لاهه ڪڍڻ کان پوءِ هن زمين ۾ هَر ڏنا، پر پُوريل سونَ جي ديڳ جو ڪو پتو نه پيو. هُن چاچي قاسم جي صلاح سان زمين ۾ ٻيهر ٻه هر ڏنا. تڏهن به ڪيس ڪجهه هٿ نه آيو.

اهو ڏسي چاچي قاسم چيو، ”پُٽ رک الله تي، ربُ توکي تنهنجيءَ محنت جو اَجُر ضرور ڏيندو“. هُن زمين کي پاٽي ڏياري، ٻج ۽ ڀاڻ ڏيڻ ۾ سندس مدد ڪئي. ٿورن ڏينهن اندر ويران زمين ۾ ساوا سَلا اُڀري آيا. جڏهن فصل پچي راس ٿيو، تڏهن سارنگُ ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپيو. ڪيس پنهنجي محنت سجائي ٿيڻ جي خوشي ٿيڻ لڳي.

چاچي قاسم، سارنگَ کي خوش ڏسي چيو، ”پٽ! اها ئي سونَ جي ديڳ آهي، جيڪا تنهنجي وڏڙن جي زمين ۾ پوريل هئي. اصل ۾ پورهئي کان وڌي ڪا به دولت نه آهي“.

اهڙيءَ نيڪ صلاح ڏيڻ تي سارنگَ، چاچي قاسم جا دل سان ٿورا مڃيا، جنهن ڏاڍي ڏاهپ سان سارنگَ کان محنت وارو ڪم ورتو. اهڙيءَ ريت سارنگَ جي گهر جون رُسي ويل رونقون ۽ خوشيون موٽي آيون.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- سارنگُ ڇو اداس ۽ پريشان هو؟
٢- چاچي قاسم، سارنگَ کي ڪهڙي راز واري ڳالهه ٻڌائي؟
٣- سارنگَ پوريل سونَ واري ديڳ هٿ ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو؟
٤- فصل پچي راس ٿيڻ تي چاچي قاسم، سارنگَ کي ڇا سمجهايو؟

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سُکيو | آسودو-خوشحال | اَجر | قُلُ-جَزا-ثوابُ |
| رونقون | سونهن-زينت | ويران | برباد-سُڃو-اُجڙيل |
| | | گهٽگهُرو | يلو-چاهيندڙ-خيرخواهه-همدرد |

(ج) هيٺ ڏنل واحد لفظن جا جمع لکو:

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| سَلو | | ڏُکيو | |
| سياڻو | | تورو | |

(د) ٻاروءِ تير ڏيئي ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ ملايو:

| | |
|---|---|
| سياڻو | وات |
| محنت | آسمان |
| ڌرتي | واهڻ |
| اُڀ | پورهيو |
| ڳوٺ | زمين |
| رستو | ڏاهو |

## (ھ) هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ لکو:

جنهن ________________________________________

ڪنهن ________________________________________

تِنهن ________________________________________

هِن ________________________________________

آهي ________________________________________

هو ________________________________________

آهِين ________________________________________

آهِيو ________________________________________

## (و) ’منهنجو دوست‘ جي عنوان تي ڏھ جملا لکو.

## (ز) سبق پڙهي هيٺ ڏنل عبارت ڪي درست اعرابون ڏيو:

منهنجي دوست جو نالو اڪبر آهي. ان جي گهر ۾ هڪ باغ آهي. منهنجو دوست پاڙيسرين جو تمام گهڻو خيال رکندو آهي. اسان کي ڏکئي وقت ۾ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.

**ياد رکو ته:** • محنت جو ڦل مٺو ٿيندو آهي. • پورهئي ۾ عظمت آهي.


**استاد لاءِ هدايت:**

اُستاد، ٻارن کي مشق ’ز‘ بابت وڌيڪ سمجهائي ۽ اهي مشقون حل ڪرائڻ ۾ سندن مدد ڪري.

# سِجُ، چنڊ ۽ تارا

### سکيا جي حاصلات

- لفظن جا ضد لکي سگهي.
- ڪنهن بہ تصوير يا منظر کي ڏسي ان بابت پنهنجا خيال لکي سگهي.
- روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ بجلي، پاڻي، گئس ۽ ابلاغ جي ذريعن، انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ۽ موبائيل جو درست استعمال ڪري سگهي.



**استاد:** ٻارو، توهان شام جو سج لهڻ جو نظارو تہ ڏٺو هوندو. سج لهڻ سان اونده ٿي ويندي آهي. تارا آسمان ۾ ٽِمڪندي نظر ايندا آهن. چوڏهينءَ جي رات تہ پورو گول چنڊ پيو چمڪندو آهي.

**سرور:** ها سائين، چاندوڪي تہ ڏاڍي وڻندڙ هوندي آهي. پر سائين، چنڊ بہ سدائين هڪجهڙو نہ هوندو آهي، ڪڏهن وڏو تہ ڪڏهن ننڍو بہ ٿيندو آهي، سو ڇو؟

**استاد:** ها، حقيقت ۾ چنڊ کي روشني سج کان ملي ٿي، تنهنڪري ائين ڏسڻ ۾ ايندو آهي. چنڊ اسان جي زمين جي چوڌاري ڦري ٿو. وقت سان پنهنجي جڳهہ بدلائيندو رهي ٿو. جنهن ڪري، ان تي سج جي روشني ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ پوندي آهي، ان ڪري چنڊ ننڍو ۽ وڏو نظر ايندو آهي. چنڊ جو مٿاڇرو بہ هڪجهڙو نہ آهي. چنڊ کي غور ڪري ڏسندا تہ ان ۾ اوهان کي داغ ڏسڻ ۾ ايندا. حقيقت ۾ اهي داغ نہ آهن، پر اِهي ميدان، جَبَل، غارون ۽ کاهيون آهن، جيڪي پري کان داغن وانگر ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هاڻي تہ انسان چنڊ تي پهچي چڪو آهي.



قاسم: سائين، انسان چنڊ تي ڪيئن پهتو؟

استاد: انسان تمام تيز رفتار راڪيٽ ايجاد ڪيا. انهن ۾ خلائي لباس پهري، ڪاڌي پيتي جو سامان کڻي وڃي چنڊ تي لٿا. اُتان مٽي ۽ پٿر به کڻي آيا. اُهي پٿر اهڙا آهن، جهڙا هتي زمين جا پٿر ٿيندا آهن.

گلاب: سائين، تارا تمام ننڍڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ پري کان ٽِم ٽِم پيا ڪندا آهن.

استاد: ها، تارا اسان کي ان ڪري ننڍڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جو اهي تمام گهڻو پري آهن. انهن مان ڪيترا تہ سج کان به وڏا آهن. سج به هڪ تارو آهي، پر اهو اسان کي ويجهو آهي. ان ڪري اسان کي وڏو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

سرور: سائين تارا تہ جهڙا بيٺل هجن، ڇا اهي به هلندا رهندا آهن؟

استاد: تارا به سج ۽ چنڊ وانگر هلندا رهن ٿا ۽ پنهنجي جاءِ بدلائيندا رهن ٿا. سج، چنڊ ۽ تارا اُڀرندي کان الهندي طرف چُرپُر ڪندي نظر ايندا آهن. انسانن تارن تي نالا به رکيا آهن. دنيا ۾ تارن کي ڌار ڌارنالن سان سڏيو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪَتِي، ٽيڙو، ٻِٽون، ڪٽ وغيره تارن جا مختلف ميڙَ آهن، جن کي نَکٽ چئبو آهي.

اڄ به ٻهراڙيءَ جا ڪيترائي ماڻهو تارن کي ڏسي وقت ۽ طرف سُڃاڻندا آهن. اهڙيءَ ريت رات جو سفر ڪرڻ ۾ ڪين سولائي ٿِئي ٿي. ڪيترائي هاري پوک به تارن جي حساب سان ڪندا آهن.

## مشق

(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- اسان کي تارا ننڍڙا ڇو ڏسڻ ۾ ايندا آهن؟
٢- چنڊ اسان کي ڪڏهن ننڍو ۽ ڪڏهن وڏو ڇو ڏِسڻ ۾ ايندو آهي؟
٣- چنڊ کي روشني ڪٿان ملي ٿي؟
٤- خلاباز چنڊ تان ڀاڻ سان گڏ ڇا کڻي آيا؟

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| متاڇرو | متيون پاڳو | چُر پُر | حرڪت-هل چل |
| رفتار | چال-هلڻي | ڌار ڌار | الڳ الڳ |

(ج) هيٺ ڏنل لفظن جا ابتڙ لفظ لکو، جيئن: روشني - اونداهي

| لفظ | ابتڙ | لفظ | ابتڙ |
|---|---|---|---|
| اُپرندو | | سولائي | |
| گهٽ | | ڀراڙي | |
| وڏو | | متانهون | |

(د) هيٺ ڏنل جملن آڏو صحيح (✓) ۽ غلط (✗) جو نشان هڻو:

* چوڏهين جو چنڊ رات جو سڄو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ☐
* چنڊ جي متاڇري تي داغ ڪونه نظر ايندا آهن. ☐
* خلاباز هوائي جهاز ذريعي چنڊ تي پهتا. ☐
* چنڊ تي انسان پهچي چڪو آهي. ☐

(ھ) ھيٺ ڏنل تصوير کي غور سان ڏسو ۽ ان بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا لکو:



(و) اوھان بجليءَ جي بچت ڪيئن ڪندا آھيو؟ ان بابت ٻڌايو.

ياد رکو ته: چنڊ تي پھچندڙ پھرئين انسان جو نالو نيل آرم اسٽرانگ آھي.



نيل آرم اسٽرانگ

استاد لاءِ ھدايت:

- اُستاد، ٻارن کي قدرتي نظارن بابت وڌيڪ سمجھائي.
- اُستاد، ٻارن کي مشق 'ھ' کي حل ڪرڻ ۾ سندن رھنمائي ڪري.

سبق ويهون

# قدرتي آفتون

### سکيا جي حاصلات

- عبارت ۾ آيل نوان لفظ درست اچاري سگهي.
- مختلف جملن کي درست اچار ۽ رواني سان پڙهي سگهي.
- پنهنجي درجي موجب درست صورتخطي لکي سگهي.



قدرتي آفتون جهڙوڪ: ٻوڏ، ڏُڪار، ساموندي طوفان ۽ زلزلا انساني آبادي توڙي ٻي مخلوق لاءِ تڪليفن جو ڪارڻ ٿين ٿيون.

سنڌ صوبو قدرتي توڙي انساني سرگرمين سبب پيدا ٿيندڙ آفتن ڪان متاثر ٿيندو رهيو آهي. جنهن ۾ خاص ڪري ٻوڏ، تيز برساتون، ساموندي طوفان، ڏُڪار، زلزلا ۽ وبائي بيماريون شامل آهن.

سنڌ ۾ سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي چاڙهه ڪان پوءِ بچاءُ بندن ۾ گهارن پوڻ سبب ٻوڏون اينديون رهيون آهن. جڏهن ته تيز برساتن سبب پڻ گهڻو نقصان ٿئي ٿو.

سنڌ جي ساڍا ٽي سئو ڪلوميٽرن تي پکڙيل ساحلي علائقي ۾ ساموندي طوفانن جي ڪري اتي رهندڙ ماڻهو ۽ ٻي جيوت سخت متاثر ٿين ٿا.

سنڌ جي ٽري ۽ ڪوهستان وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جو آڌار برسات تي آهي. برساتون نه پوڻ ڪري اڪثر انهن علائقن ۾ ڏُڪار اچن ٿا. ڏُڪار اچڻ جي صورت ۾ انهن علائقن جا ماڻهو سنڌو درياءَ جي ذريعي سيراب ٿيندڙ علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪن ٿا.

زميني بناوت سبب سنڌ صوبو زلزلن جي خطري ۾ رهي ٿو. زمين جي اندر موجود مختلف تهه ٽڪرائجن ٿا ته زمين جي مٿاڇري تي لوڏا محسوس ٿين ٿا. زمين تي موجود گهرن ۽ عمارتن ۾ ڏار پئجي وڃن ٿا. عمارتن ڊَهڻ ڪري ماڻهو مري وڃن ٿا يا زخمي ٿين ٿا.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- قدرتي آفتون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن؟
٢- ٻوڏ ڇا جي ڪري اچي ٿي؟
٣- سنڌ جي ٽرجي علائقن جي ماڻهن جو آڌار ڇا تي آهي؟
٤- اسين قدرتي آفتن کان ڪيئن بچي سگهون ٿا؟

### (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪارڻ    مخلوق    وبائي    ڏُڪار    تَهه

### (ج) هيٺ ڏنل ٻن دوستن جي ڳالهه ٻولهه پڙهو:

نويد: ادا، اڄ توهان ٽيليويزن تي ڇا ڏٺو؟
فواد: ادا، اڄ مون ٽيليويزن تي قدرتي آفتن کان بچاءَ بابت پروگرام ڏٺو.
نويد: توهان پروگرام ۾ ڇا ڏٺو؟

فواد: ادا، قومي آفتن جي رٿا بنديءَ واري تنظيم جا ٻه ماهر وينا هئا، جن قدرتي آفتن کان بچڻ بابت پئي ٻڌايو. انهن زلزلي جي اچڻ جا ڪارڻ ۽ ان کان بچاءَ جا اُپاءَ به ٻڌايا.

نويد: ادا، تمام سٺو، اسان کي اهڙا معلوماتي پروگرام ٽيليويزن تي ضرور ڏسڻ گهرجن.




## (د) قدرتي آفتن بابت هيٺ ڏنل تصويرون سڃاڻو ۽ انهن جا نالا لکو:



نالو:



نالو:

### استاد لاءِ هدايت:

اُستاد، ٻارن کي قدرتي آفتن بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي ۽ انهن کان بچاءَ بابت ڪين ڄاڻَ ڏئي.

## سبق ايڪيھون

# سُنيون ڇوڪريون

### سکيا جي حاصلات

- سوالن کي غور سان ٻڌي، سمجهي سگهي.
- پنهنجي درجي موجب درست صورتخطي لکي سگهي.
- واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد لفظ ٺاهي سگهي.
- روز مره جي زندگيءَ ۾ بجلي، پاڻي، گئس ۽ ابلاغ جي ذريعن، انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ۽ موبائيل جو درست استعمال ڪري سگهي.



شبنم ۽ نوري پاڻ ۾ ساهيڙيون آهن. هڪڙي ئي پاڙي ۾ رهنديون آهن. اسڪول ۽ ڪلاس به ساڳيو اٿن. ٻيئي ڄڻيون پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ محنتي آهن. اسڪول مان گهر جو ڪم ملندو اٿن، ته اهو به گڏجي ڪري وٺنديون آهن.

نوريءَ جي ماءُ ٻنهي کي سبق پرڻ به سيکاريو آهي. شبنم ۽ نوري ڪڏهن به وانديون ڪِين ويهن. صفائيءَ سان ته ڏاڍي دل اٿن. ڪپڙا اڇا اُجرا هوندا اٿن. گهر کي صاف سٿرو رکنديون آهن. ٻين ڇوڪرين سان گڏجي ڪلاس ۾ به صفائيءَ جو خيال رکنديون آهن.



شبنم ۽ نوري راند مهل راند روند ڪنديون آهن. ڪڏهن گُڏين راند ته ڪڏهن ٺاپونءَ راند. ڪڏهن ٻال جهٽڻ، ته ڪڏهن نوڙيءَ ٽپڻ واري راند وغيره.

شبنم ۽ نوريءَ جي ڪلاس ۾ شميم به پڙهي ٿي. اُها ڪجهه ڏينهن کان اسڪول نه پئي آئي. کين خبر پئي ته هوءَ بيمار آهي ۽ اسپتالِ داخل آهي. شبنم پنهنجي ماءُ سان اها ڳالهه ڪئي ۽ چيو ته ”امان، آءٌ ۽ نوري، شميم جي طبيعت پڇڻ

لاءِ اسپتال وڃڻ ٿيون گهرون“. ماڻس چيو تہ ”ڏيءُ، ڪنهن بيمار جي طبيعت پڇڻ سُٺي ڳالهہ آهي“.



شبنم جي ماءُ، ٻنهي کي اسپتال وٺي وئي. واٽ تي هن شميم لاءِ ڪجهہ ميوو ورتو. شميم، نوريءَ ۽ شبنم کي ڏسي، ڏاڍي خوش ٿي.

ٿورن ڏينهن ۾ شميم چڱي ڀلي ٿي، اسڪول آئي. سڀني ڇوڪرين ڪيس چڱيلائيءَ جون مبارڪون ڏنيون.

شبنم ڏٺو تہ شميم ڪجهہ اداس آهي. پڇڻ تي هن شبنم کي چيو تہ ”ادي شبنم، بيماريءَ جي ڪري منهنجي پڙهائيءَ جو نقصان ٿيو آهي، امتحان بہ ويجهو آهي“. ان تي نوريءَ چيو ”ڀيڻ، ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. پاڻ گڏجي پڙهنديونسين“. پوءِ شبنم، نوري ۽ شميم گڏجي امتحان جي تياري ڪئي. امتحان ۾، پنهنجي ساهيڙين سان گڏ، شميم بہ سٺين مارڪون کڻي پاس ٿي.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- شبنم ۽ نوري پاڻ ۾ ڇا آهن؟
٢- شبنم ۽ نوريءَ شميم جي ڪيئن مدد ڪئي؟
٣- توهان جي اسڪول ۾ ڪهڙيون رانديون ٿينديون آهن؟
٤- توهين گهر ۾ ڪهڙيون رانديون کيڏنديون آهيو؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ لکو:

ساهيڙي    اُداس    هوشيار    ٽاپُون    ميوو    طبيعت

## (ج) لفظ ٺاهيو، جيئن: ساهيڙي - ساهيڙيون

- چوڪري ...............
- رات .............
- سُٺي ......................
- راند ...............

## (د) گهرن ۾ ٻارڻ واري گئس جو استعمال ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟

**سرگرمي:** اُستاد، ٻارن کي تصويرون ڏيکاري، جملا پڙهائي، هَٿن ڌوئڻ جي عَملي مشق ڪرائي.



1. هٿن کي چڱيءَ طرح پاڻيءَ سان آلو ڪريو.
2. صابڻ سان هٿن کي چڱيءَ طرح مَليو.
3. ٻنهي هٿن جي ترِين کي مَليو.
4. هڪ هٿ جي ترِيءَ کي ٻئي هٿ جي پُٺ سان صاف ڪريو، اهو ئي عمل ٻئي هٿ تي ورجايو
5. ٻنهي هٿن جي آڱرين کي هِڪٻئي سان مَهٽيو.



6. هڪ هٿ جي ترِيءَ کي ٻئي هٿ سان صاف ڪريو.
7. ٻنهي آڱوٺن کي واري واري سان صاف ڪريو.
8. آڱريون موڙي ترِيءَ کي صاف ڪريو.
9. هٿن کي پاڻيءَ سان چڱيءَ طرح ڌوئو.
10. هٿن کي چڱيءَ طرح سُڪايو.

**ياد رکو ته:**

- راند روند صحت لاءِ ضروري آهي.
- ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.
- پير اُگهاڙا ڪري نه هلڻ گهرجي ۽ هميشه چَمپل يا بُوٽ پائڻ گهرجي.

**استاد لاءِ هدايت:**

اُستاد، ٻارن کي مشق 'ج' ۽ 'د' بابت وڌيڪ مثالن ذريعي سمجهائي ۽ کين اهي مشقون حل ڪرائڻ ۾ سندن مدد ۽ رهنمائي ڪري.

# وَتائي فَقِير جُون ڳالِهيُون

## سکيا جي حاصلات

- عبارت ۾ آيل نون لفظن کي ٻڌي درست اچاري سگهي.
- کا بہ ڳالهہ ٻڌي ان جو تجزيو ڪري ٻڌائي سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڏهن کان پندرهن جملن واري سادي عبارت پڙهي سمجهي سگهي.
- روزمره جي زندگيءَ ۾ بجلي، پاڻي، گئس ۽ ابلاغ جي ذريعن، انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ۽ موبائيل جو دُرست استعمال ڪري سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.
- مناسب آواز ۽ لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪري سگهي.
- لطيفا ، پروليون، ٻُڌي انهن جو مطلب سمجهي سگهي.

وتايو فقير سنڌ جو درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي. هن تمام گهڻي سادگيءَ واري زندگي گذاري. وتايو فقير تاجپور شهر ۾ جائو، جتان ڪجهه وقت بعد سندس مائٽ لڏي اچي نصرپور ۾ وينا.

وتايو فقير ماڻهن کي اهڙا تہ سياڻپ جا نڪتا ٻُڌائي ڇڏيندو هو، جو سيني کي حيرت وٺي ويندي هئي! سندس ڳالهيون تمام گهڻيون مشهور آهن. اهي ڳالهيون ٻُڌي تہ کِلَ ايندي، پر حقيقت ۾ انهن ڳالهين ۾ هڪ وڏي نصيحت سمايل هوندي آهي.

ٻارو! اچو تہ وتائي فقير جون ڪجهه ڳالهيون پڙهون:

## تَنهن ۾ توهان جو ڇا؟

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ماڻهن چيو تہ، ”اج پَٽ جي ديڳ توهان جي پاڙي ۾ همراهہ ڪُٽي پئي ويا.“ وتائي چيو تہ ”تنهن ۾ منهنجو ڇا؟“ ماڻهن چيو تہ ”فقير! اهو سمورو پَٽُ تنهنجي ماءُ کي پئي ڏنائون.“ تڏهن وتائي فقير چيو، ”تنهن ۾ توهان جو ڇا؟“

## هُو کِني عادت نتو ڇڏي، آءٌ سُني عادت ڪيئن ڇڏيان

هڪ ڀيري وتايو فقير درياءَ جو ڪپ وٺيو پئي ويو تہ هڪ وِڇونءَ کي پاڻيءَ ۾ ٻُڏندو ڏٺائين. سو تري هينان ڏئي، ٻاهر تي ڪڍيائينس تہ وڇونءَ نڪاءُ ڪرايس ڏنگ. ان جي سُور کان تِري ڪڍي ورتائين. تہ وري

ٻُڏڻ لڳو. هن وري ٻه هٿ جي ترِيءَ تي ڪنيس ته ڏنگ هنيائينس، ته هَٿَ ترِي چندڻ لڳو. ڪنهن ماڻهوءَ اِهو تماشو پئي ڏٺو. تنهن چيس ”فقير، چڏ دُشمن کي ته ٻُڏي مري. ڏسين نٿو ته هو پنهنجي ڏنگ هڻڻ جي بُڇڙي عادت ماڳهين نٿو ڇڏي؟“ وتائي فقير چيو ته ”هو پنهنجي ڪِني عادت نٿو ڇڏي ۽ آءٌ پنهنجي سُني عادت، توري تڪليف ڪري، ڇو ڇڏي ڏيان.“

## ڪائو ڪپڙا ڪائو!

وتائي فقير جي ڳوٺ پرسان ٻئي هڪڙي ڳوٺ ۾ شادي هئي. دهلن شرنائن جون ڌمون ۽ يَٽَ جون خوشيون لڳيون پيون هيون. وتايو فقير به پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ سڌو شاديءَ واري هنڌ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهڻو ئي نهاريائين، پر ڪنهن رُکي صلاح به ڪانه ڪيس. ٻيا جيڪي لٽي ڪپڙي ۾ نهيل ماڻهو پئي آيا، تن کي ڪم وارن عزت سان وٺي پئي ويهاريو ۽ کارايو پيئاريو. هي ويهي ويهي ٿَڪو ۽ اُٿي هڪڙي ڌوٻيءَ وٽ آيو. اُن کي ڌُئارٽيءَ جا پئسا اڳوات ڏئي، مسواڙ تي ڪپڙا وٺي، پائي، ڏاڍي رعب سان آيو. ماڻهو ڊوڙي آيا، وٺي آٽي عزت سان گلم تي ويهاريائونس. يڪدم ٻوڙ پُلاءَ اچي ويا، جيڪي فقير اڳيان رکندا ويا. فقير، انهن پاٽين مان ٻُڪ پريندو ڪُلهن مٿان اُڇليندو ويو ۽ چيائين ته ”ڪائو ڪپڙا ڪائو!“ ماڻهن چيس ته ”فقير هي ڇا پيو ڪرين، چريو ٿيو آهين ڇا؟“ ورندي ڏنائين ته ”پهريان پنهنجن ميرن ۽ سادن ڪپڙن ۾ هئس ته ڪنهن ڪونه سُڃاتو! هاڻ جڏهن اڇا اُجرا پراوا ڪپڙا پائي آيو آهيان، ته عزت به تي آهي ۽ ماني به خاص ملي آهي. مطلب ته مون کي ڪنهن ڪونه سُڃاتو پر ڪپڙن کي سڀني سُڃاتو آهي. تڏهن ته چوان ٿو ته ڪائو ڪپڙا ڪائو.“

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١. وتائي فقير جي پهرين ڳالهه ڇا بابت آهي؟
٢. وتائي فقير جي ٻيءَ ڳالهه جو ڪهڙو مطلب آهي؟
٣. اسان کي وتائي فقير جي ڏنل ٽِنين ڳالهه مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

## (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪَپُ | ڪنارو-ڪَنڌي-ڪپر | پوشاڪ | لباس-پهرڻ-ڪپڙا |
| سُورُ | تڪليف-درد-ڏک | رُعب | دٻدٻو-دهشت |

## (ج) وتائي فقير جي ڪا ٻي ڳالهه اوهان کي ياد هجي ته ان کي اوهان پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.

## (د) هيٺ ڏنل پرولين کي پڙهو، سمجهو ۽ ياد ڪريو:

١۔ پاڻ اَنڌي پر ٻين کي واٽ ڏيکاري.

جواب: لَٺِ

٢۔ ڏِينهن جو سُتو، رات جو جاڳيو.

جواب: ڏِيئو

٣۔ پاڻ ننڍڙي پر پُڇُ وڻ کان به وڏو.

جواب: سُئي ڌاڳو

ٻارو! توهان کي ڪي ٻيون پروليون ياد آهن ته ٻُڌايو.

### استاد لاءِ هدايت:

استاد، ٻارن کي وتائي فقير جي ڳالهين ۾ سمايل نصيحتن کي سمجهڻ لاءِ ٻارن جي مدد ڪري.

سبق ٽيويهون

# ڏسو ڏسو اي ٻارو گُلُ! (بيت)

## سکيا جي حاصلات

- نظم، سُر ۾ لَئه سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.
- نظم ۽ نثر ۾ فرق سمجهي دُرست ادائيگيءَ سان پڙهي سگهي.
- گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگهي .
- پنهنجي پسند جي ڪنهن ٻه موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي".



ڏِسو ڏسو اي ٻارو گُلُ!
سُهڻو گُلُ هي پيارو گُلُ!

ٻُوٽن تي ٿي جوت جَلي،
ڌرتيءَ جو آ تارو گُلُ!

اُن جي آڏو مڪڙيون مُرڪن،
رنگن روپن وارو گُلُ!

موتيو، مُگرو، سُورج مُکي،
لال گُلابي، نِيارو گُلُ.

پؤنر ٻه جنهن تي، پيرا ڏي،
پوپٽ کي آ پيارو گُلُ!

غمگينن جا غمَ تو لاهي،
ميٺي تو مُونجهارو گُلُ!

تارِين ۾ ٽانڊاڻا ٽِمڪن،
سُونهن سَراسر سارو گُلُ!

”مون وانگي ٿيو جڳَ ۾ سُرها“
ٻولَ تو ٻولي ٻارو گُلُ!

# مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

١. هِي نظم ڇا جي بابت آهي؟
٢. هن نظم ۾ ڪهڙن گلن جا نالا آهن؟
٣. توهان کي ٻين ڪهڙن گلن جا نالا اچن ٿا؟
٤. توهان کي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو گل وڻندو آهي؟

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.**

جوت  سونهارو  ٽانداٽا  سُرها  مکڙيون  مونجهارو

**(ج) لفظ ٺاهيو، جيئن: ٽانداٽو - ٽانداٽا**

* داٽو ..............................  * ڳوناٽو ........................  * مهاٽو .........................

**(د) ’ٻارو‘ ۽ ’تارو‘ هڪجهڙن آوازن وارا لفظ آهن. توهين هن بيت مان اهڙا ٻيا لفظ ڳولي لکو.**

**(هه) هن بيت ۾ ’ڀؤنر‘ ۽ ’ڀوپٽ‘ جيتن جا نالا آهن. توهين ٻين جيتن جا نالا ٻُڌايو.**

**(و) ٻُوٽا پوکڻ ۽ انهن جي سار سنڀال بابت ڪلاس ۾ گفتگو ڪريو.**

**(ز) هِيءُ بيت زباني ياد ڪريو ۽ گڏجي سُر سان ٻُڌايو.**

(ح) 'پکين ۽ جانورن تي کهل ڪرڻ'، ان موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا لکو.

(ط) هيٺ ڏنل سِٽن ۾ نظم ۽ نثر جو فرق سمجهو:

| نظم | نثر |
|---|---|
| گلن ۾ گُلابي مزيدار گُل،<br>چنبيلي ۽ موتئي جو مهندار گُل،<br>***<br>وٽي واهه دل کي گلابي تو رنگ،<br>تيو سونهن ساوڪ جو سينگار گُل، | گلاب جو گُل سيني گُلن جو سردار آهي. خوشبوءِ ۽ طبي لحاظ کان هي گُل پنهنجو مٽ پاڻ آهي، اسين پنهنجي باغيچن ۾ گلاب جو گُل ضرور پوکيندا آهيون. |

استاد لاءِ هدايت:

- استاد ٻارن کي نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهڻ لاءِ چئي.
- استاد ، ٻارن کي ڪلاس ۾ ٿيندڙ گفتگو بابت اهم نڪتا ٻڌائڻ لاءِ چئي.
- اُستاد ٻارن کي نظم ۽ نثر جي فرق بابت وڌيڪ سمجهائي.

## سبق چوويهون

| سکيا جي حاصلات |
| --- |
| • واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد ٺاهي سگهي. |
| • سنڌيءَ ۾ لکيل سادا پيغام ۽ هدايتون سمجهي رواني سان پڙهي سگهي. |
| • تعليمي سير ۽ تفريحي پروگرامن جي مشاهدي کي زباني ۽ تحريري طور پيش ڪري سگهي. |

# خَطُ



ڪوهه مري
پهرين جولاءِ ٢٠٢٥ ع

پيارا بابا سائين! السلام عليڪم

اُميد آهي تہ اوهان خُوش هوندا!



اوهان جي دعائن سان ڪالهہ آءٌ اسڪول جي ساٿين سان گڏ ڪوهہ مريءَ پهتس. ڪراچيءَ کان لاهور تائين ريل گاڏيءَ اٽڪل سورهن ڪلاڪ ورتا. اتان بس ۾ چڙهي پنجن ڇهن ڪلاڪن ۾ اسلام آباد آياسين، جيڪو



پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي. وچ ۾ ڪيترائي درياهہ، جبل، شهر، ڳوٺ، وستيون ۽ واهڻ آيا. اسلام آباد جي سونهن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، رستن جي ٻنهي پاسي ساوا گاهہ ۽ ڇٻر، سهڻا سهڻا پارڪ، گهمڻ لاءِ ڪوڙ جايون جهڙوڪ: شَڪر پڑيان، فيصل مسجد، مارگلا جا ساوا جبل، لوڪ ورثي

وارن جو ميوزيم، راول ڊيم، چا ڏسي، چا ڏسجي. پاڪستان جي صدر، وزيراعظم جا شاندار محل، سپريم ڪورٽ جي سهڻي عمارت، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جون عمارتون.

اسان جي اسڪول جا سڀ ٻار اسلام آباد گهمڻ ڦرڻ آيا هئا. پر سچ پڇو ته اسلام آباد ڏسي ڏاڍا خوش ٿياسين. اسان جي استاد وک وک تي جاين ۽ ماڻهن جي باري ۾ ڄاڻ ڏني، اسان جي سفر کي وڌيڪ دلچسپ ۽ لاڀائتو بنايو.



ڪوهه مري ته جنت جو ٽڪرو آهي. اسلام آباد مان نڪرڻ ڪان پوءِ بس جڻ ته هوريان هوريان آسمان طرف وڌندي ٿي رهي. جبلن جي اوچائيءَ تي پهچي، ماڻهو خدا جي قدرت ۽ ان جي سونهن کي ڏسي دنگ رهجي ٿو وڃي! ور وڪڙ رستا، وڏا وڏا وڻ، جهنگ به جهڙا باغ. ڪوهه مريءَ ۾ مال روڊ، پنڊي پوائنٽ، ڪشمير پوائنٽ ور وڪڙ ۽ چڙهائيءَ واريون بازارون ڏسڻ وٽان هيون. هر پاسي گل، ميوا، پکي ۽ جانور به واهه جا هئا.

ايوبيا ويندي رستي ۾ ’بندر گليءَ‘ ۾ وڏي تعداد ۾ پولڙا ڏسي ڏاڍا خوش ٿياسين. ڦريون ڦيرو پولڙن ۽ انسانن کي پاڻ ۾ دوستن وانگر ڏٺوسين. اسان پولڙن کي ڪيلا وني کارايا. ايوبيا ۾ چيئر لفٽ تي چڙهي مٿي پهتاسين ته ڪڪر اسان جي جسمن کي ڇُهڻ لڳا. چؤطرف چا ته نظارا هئا! جڻ سڀ خواب پئي لڳو.

اسان گرمين ۾ آيا آهيون. چون ٿا سياري ۾ هتي جي پهاڙن تي برف به

پوندي آهي. رستي ۾ ڪشمير پوائنٽ وٽان ڪشمير جا اچا اچا جبل به ڏٺاسين، جن تي برف پيل هئي. انهن پهاڙن تي سدائين برف پيل هوندي آهي، جن کي ”گليشيئر“ يا برفاني ڇپون چئبو آهي. گرمين ۾ اهي گليشيئر ڳرن ٿا، تڏهن درياهن ۾ پاڻي اچي ٿو.

اسلام آباد ۽ ڪوهه مري ڏسي، مون کي اوهان جي ٻڌايل اها چوڻي دل سان لڳي، ته ”گهٽي ڪاڏي ڪان گهٽو ڏِنو ڇگو.“ سچ پچ ته هيءُ سفر مون کان ڪڏهن نه وسرندو. هتي اچي گهڻو پرايو اٿم.

امان ۽ گهرڀاتين کي سلام.

دعائن جو طلبگار
اوهان جو فرزند
همير

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- اسلام آباد ۾ ساوا جبل ڪهڙا آهن؟
٢- ڪوهه مريءَ کي جنت جو ٽڪرو ڇو ٿا چون؟
٣- بندر گليءَ ۾ پولڙا ۽ انسان پاڻ ۾ ڪيئن نظر آيا؟
٤- جيڪا برف پهاڙن تي سدائين جميل رهي، ان کي ڇا چئبو آهي؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

سُونهن   وِڪ   لاياٿو   نظارو

### (ج) جيڪڏهن توهان ڪو سفر ڪيو هجي ته ان جو احوال خط ۾ لکي دوست کي ٻُڌايو.

## (د) هيٺ ڏنل خال پريو:

* اسلام آباد ۾ گھمڻ جون جايون..............................................................آهن.
* ڪوهه مريءَ ۾ ..............................................................ڏسڻ وٽان آهن.
* ايوبيا ۾ ڪڪر جسم کي........................................تا.
* گھٽي ڪاڏي ڪان گھٽو............چڱو.
* هتي اچي گھٽو ............ اٿم.

## (هہ) هيٺ ڏنل لفظن جا واحد ۽ جمع ٺاهيو:

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| | گاڏيون | | نظارا |
| چوٽي | | رستو | |
| خوشي | | | ميوا |

## (و) ريلوي اسٽيشن يا ڪنهن بس اڏي تي سنڌيءَ ۾ لکيل پيغام اوهان پڙهيا هجن ته انهن بابت ٻڌايو.

### استاد لاءِ هدايت:


- اُستاد ٻارن کي خط لکڻ جي ڏنل طريقيڪار بابت وڌيڪ سمجھائي.
- اُستاد ٻارن کي مشق ’و‘ بابت وڌيڪ سمجھائي ۽ اها مشق حل ڪرڻ لاءِ سندن رهنمائي ۽ مدد ڪري.
- پيغام جي جديد ذريعن جھڙوڪ: اِي ميل، موبائيل مئسيج بابت وڌيڪ ٻڌائي.

سبق پنجويهون

# اسان جي ڌرتي

### سکيا جي حاصلات

- ڪا بہ ڳالهہ ٻڌي ان جو تجزيو ڪري سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- سادو جملو لکڻ وقت پورو دم، ٿورو دم ۽ سوال جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي.
- مناسب آواز ۽ لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪري سگهي.
- عبارت ۾ آيل نون لفظن کي دُرست اچاري سگهي.



ٻارو! اسين سڀ ڌرتيءَ تي رهون ٿا. اسان جا گهر، اسان جو اسڪول ۽ ٻيون عمارتون بہ ڌرتيءَ تي ٺهيل آهن. ٻنيون، باغ بہ انهيءَ ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي آهن. ٻنين ۾ مختلف اناج، داليون ۽ ڀاڄيون ٿين ٿيون، باغن ۾ قسمين قسمين گل ۽ ميوا ٿين ٿا.

ڌرتيءَ جو مٿاڇرو هر هنڌ هڪجهڙو نہ آهي. ان تي ڪٿي ميدان آهن، تہ ڪٿي ماٿريون. ڪٿي درياهہ آهن تہ ڪٿي ٻيلا. ڪٿي رڻ پٽ آهن تہ ڪٿي وري جبل.

جبلن ۾ ڇپون هونديون آهن. ڪجهہ ڇپون سخت پٿرن جون هونديون آهن. ڪي تهدار هونديون آهن. ڪن ڇپن ۾ مٽي ۽ پٿر ٻئي هوندا آهن. پٿرن جون شڪليون ۽ رنگ بہ مختلف ٿيندا آهن.



رڻ پٽ ۾ رڳو واري ئي واري هوندي آهي. اُتي پاڻي نہ هوندو آهي. ان ڪري اُتي ٻوٽا بہ اهڙا ٿيندا آهن، جن



ڪي پاڻيءَ جي گهٽتي گهرج نہ ٿيندي آهي.

ڌرتيءَ جو گهڻو حصو، مٽيءَ جي تهہ سان ڍڪيل هوندو آهي. ان مٽيءَ ۾ جبلن جي واري ۽ چِيڪي مِٽي مليل هوندي آهي. وڻن ۽ ٻوٽن جا ڪک پن ۽ ٻيون سڙيل ڳريل شيون بہ ان ۾ مليل هونديون آهن، ان ڪري ئي اها مِٽي ڏاڍي ڀَلِي هوندي آهي. ان تي فصل بہ ڏاڍا ڀلا ٿيندا آهن.

الله سائينءَ هن ڌرتيءَ ۾ اسان لاءِ ڪيتريون ئي شيون پيدا ڪيون آهن. ڪوئلو، گئس، پيٽرول، سنگ مرمر، لوهہ، سون، چاندي ۽ ٻيون معدني



شيون بہ ڌرتيءَ مان ملن ٿيون. انهن شين کي ڪارخانن ۾ صاف ڪري ڪتب آڻجي ٿو. قدرت جي هن سموري مانداڻ ۾ وڌ ۾ وڌ زندگي ڌرتيءَ تي آهي. ٻيلا، درياهہ، سمنڊ ۽ جبل اُن جي سونهن آهن. پکي، ڍور ۽ جانور بہ ڌرتيءَ تي رهن ٿا. اسان کي گهرجي تہ انهن وسيلن مان پورو پورو فائدو وٺون. ان سان گڏوگڏ انهن وسيلن کي زيان ٿيڻ کان بچايون. اسين پنهنجي سهڻيءَ ڌرتيءَ کي گدلاڻ کان بچائي، ان جي سونهن کي قائم رکي سگهون ٿا.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١. گل ۽ ميوا ڪٿي ٿيندا آهن؟
٢. اناج، داليون ۽ ڀاڄيون ڪٿي ٿينديون آهن؟
٣. ڌرتيءَ جو گهڻو حصو ڇا سان ڍڪيل هوندو آهي؟
٤. مٽيءَ ۾ ڪهڙيون شيون مليل هونديون آهن؟
٥. الله سائينءَ اسان لاءِ ڌرتيءَ ۾ ڪهڙيون شيون پيدا ڪيون آهن؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ پڙهو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مختلف | ناموافق-الڳ-ٻيءَ طرح جو | سُونهَن | خوبصورتي-سوڀيا |
| رڻ پٽ | بيابان-ريگستان | ڪتب | ڪمُ-استعمال-لايُ |
| | | گدلاڻ | ميراڻ-گدلائي-گندگي |

### (ج) هيٺ ڏنل خال ڀريو:

١. رڻ پٽ ۾ رڳو .............. هوندي آهي.
٢. جبلن ۾ ................. هونديون آهن.
٣. ڌرتيءَ جو گهڻو حصو مٽيءَ جي ................. سان ڍڪيل هوندو آهي.

### (د) هيٺ ڏنل ٻيهڪ جي نشانين کي ڌِيان سان سمجهو:

* (.) هيءَ پوري دم جي نشاني آهي، جتي به اچي اُتي جملو پورو ٿيندو.
* (،) هن نشانيءَ کي اڌ دم چئبو آهي.
* (؟) هيءَ سوال جي نشاني آهي.

(ھ) ”اسان پنھنجي ڌرتيءَ کي صاف سٿرو ڪيئن رکون“؟ ان عنوان تي ڏھن جملن تي مشتمل تقرير ڪريو.

**ياد رکو تہ:**

- ٻارو، وڻ ٻوٽا ۽ وڻ پوکي ڌرتيءَ جي سونھن وڌايو.
- ڌرتيءَ کي گدلاڻ کان بچايو.
- وڻ ھوا کي صاف رکن ٿا.
- وڻ ڌرتيءَ جي سونھن آھن.
- جانورن ۽ پکين جي حفاظت ڪرڻ گُھرجي.

**اُستاد لاءِ ھدايت:**

- اُستاد، ٻارن کي ويھڪ جي نشانين بابت ڄاڻ ڏئي سمجھائي.
- اُستاد ٻارن کي تقرير ڪرڻ جي انداز، دُرست لھجي بابت سمجھائي ۽ کين ڪلاس ۾ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ منٽ جي لاءِ ڏنل موضوع تي تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏئي.

## سکيا جي حاصلات

- سوالن کي غور سان ٻڌي، سمجهي سگهي.
- نظم، سُر ۽ لَئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.
- نظم مان پنهنجي پسند جي شعر جو مفهوم لکي سگهي.
- ڪوبہ نظم انفرادي يا اجتماعي طور تي سُر ۽ لئہ سان پڙهي سگهي".
- عبارت ۾ آيل نئون لفظ اُچاري سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.

سبق ڇويهون

# اڇو تہ ٻارو ڳايون راڳ!



اڇو تہ ٻارو ڳايون راڳ،
راڳ ڪري جو ديس سجاڳ،
هر ڪو ديسي ٿئي هوشيار.

راڄ اسان جو، ڀاڳ اسان جو،
ملڪ اسان جو، ماڳ اسان جو،

پنهنجي ٻولي مٺڙي مٺڙي،
کنڊ پتاشا مصري، مصري،
ماکيءَ جي جڻ آهي لار.

ٻول اسان جا، قول اسان جا،
ڍوليا ماڙهو، ڍول اسان جا،

اُٺي وِهٺي پنهنجي آهي،
رهڻي کهڻي پنهنجي آهي،
کولي صاف ڇئون تا يار!

ديس اسان جو، ويس اسان جو،
لونگيون، اجرڪ، کيس اسان جو،

جيڪو چاهي، تنهن کي چاهيون،
گل سان گل خارن سان خار،

ريت اسان جي، پريت اسان جي،
آخر آهي جيت اسان جي.

اُستاد بخاري

## مشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:**

١- اوهان کي هن نظم جو ڪهڙو بند وڌيڪ وڻيو ٿو؟

٢- اوهان کي اهو بند ڇو ٿو وڻي؟

٣- شاعر، پنهنجي ٻوليءَ کي ڇا سان ڀيٽيو آهي؟

**(ب) هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ سمجهو.**

سُجاڳ   ديس   راڄ   ڄِيت

**(ج) هي نظم سُر ۽ لئہ سان گڏجي ٻُڌايو.**

**(د) هن نظم مان هم آواز لفظ چونڊي لکو: جيئن: راڳ - سجاڳ**

**(هہ) هيٺ ڏنل خال ڀريو:**

★ پنهنجي ................ منڙي منڙي،
کنڊ پتاشا ..................، مصري،
ماکيءَ جي ................ آهي لار.

★ اُٺڻي وِهڻي ................ آهي،
رهڻي ........... پنهنجي آهي،
کولي ........... چئون ٿا يار!

**(و) ’منهنجو ديس‘ جي عنوان تي ڪي ٻہ پنج جملا لکو.**

**(ز) پنهنجي ديس بابت اوهان ٻيو نظم پڙهيو هجي تہ اهو ڪلاس ۾ گڏجي سُر ۽ لئہ سان پڙهو.**

**ياد رکو تہ:** هيٺ ڏنل لفظ، ٻٽا لفظ آهن.


• رهڻي ڪهڻي   • اُٿڻي وِهڻي   • ديس پرديس

## سکيا جي حاصلات

- سبق، آکاڻي يا واقعو پڙهي يا ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- ڪنهن بہ موضوع تي موقعي جي مناسبت سان پنهنجن لفظن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ جملا بيان ڪري سگهي.
- اسم، ضمير، صفت ۽ فعل جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي.

سبق ستاويهون

# سَيّد اَلهندو شاهہ



ڏاهن جو قول آهي تہ چڱو انسان ڪڏهن بہ ڪونہ ٿو مري. هُو پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪا نيڪي ڪري ٿو، اُنهيءَ جي ڪري سندس نالو قيامت تائين زنده رهندو آهي. هِن دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا پلا انسان ٿي گذريا آهن، جن جي سموري زندگي پنهنجي قوم جي خدمت ڪندي گذري آهي. سَيد اَلهندو شاهہ بہ اُهڙن نيڪ انسانن ۾ ڳڻجي ٿو.

ڪنڊياري تعلقي جي ڊيري شهر ۾، جنهن کي دربيلو بہ چوندا آهن، اتي هڪ وڏو زميندار سيَد يوسف شاهہ رهندو هو. اُن بزرگ کي ١٨٦٤ع ۾ هڪ پُٽ ڄائو، جنهن جو نالو سَيد اَلهندو شاهہ رکيائين. سَيد اَلهندو شاهہ ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو سُلڇڻو ۽ ذَهِين هو. پڙهڻ جيڏو ٿيو، تہ سندس والد ڪيس ڊيري جي مدرسي ۾ ويهاريو، جتي پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي تعليم حاصل ڪيائين.

سَيد اَلهندي شاهہ کي هر وقت پنهنجي قوم جي ڀلائيءَ جو اونو رهندو هو. هُو جڏهن دهليءَ جي وائسراءِ جي ليجِسليٽوِ اسيمبليءَ جو ميمبر هو، تڏهن اتي بہ عوام جي ڀلي لاءِ ڪم ڪندو رهيو. تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ غيرآباد زمين تي بہ ڍل ڏيڻي پوندي هئي. اُن ڍل کي 'نوبت' سڏيو ويندو هو. نوبت نہ ڏيڻ جي ڪري زمين سرڪار ضَبط ڪري ڇڏيندي هئي. سَيّد اَلهندي شاهہ جي ڪوشش سان، اُها ڍل ماڻهن تان معاف ٿي وئي. هو ڪجهہ وقت تائين

فرست ڪلاس آنرري مئجسٽريٽ پڻ ٿي رهيو.

سَيد اَلهندو شاهه عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ هميشه اڳي کان اڳرو رهندو هو. غريبن ۽ مسڪينن جو وڏو همدرد ۽ هڏڏوکي هوندو هو. محتاج ۽ ضرورتمند سندس در تان ڪڏهن به خالي نه موٽيا. هُو نُهايت سادو ۽ نِهَٺو هوندو هو. دين جي ڪمن ۽ عبادت کان ڪڏهن به غافل نه رهيو. هن ڪيترين ئي مسجدون جوڙايون. صبح جو روزانو قرآن شريف جو دَور ڪري، پوءِ ڪو ٻيو ڪم ڪندو هو. سندس پوشاڪ صاف ۽ سادي هوندي هئي. وڏي سلوار ۽ پهراڻ پائيندو هو ۽ مٿي تي پٽڪو ٻڌندو هو. ٻاهر نڪرندو هو ته ڊگهو ڪوٽ به پائيندو هو. پيرن ۾ هميشه سنڌي جُتي هوندي هيس.



سَيد اَلهندي شاهه جي سڄي عمر ڀلائيءَ ۽ خير جي ڪمن ۾ گذري، پر سندس سڀ کان وڏو ۽ يادگار ڪم آهي، نوشهروفيروز ۾ مدرسو قائم ڪرڻ. اُن وقت انگريزي تعليم پرائڻ جون سهولتون گهٽ هيون، جنهنڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. سندس ڪوشش سان اهو مدرسو، اڳتي هلي هاءِ اسڪول بڻيو، ۽ اڄ اُهو ”مدرسو نوشهرو فيروز هاءِ اسڪول“ جي نالي سان مشهور آهي. اُنهيءَ هاءِ اسڪول جي ڀرسان هڪ هاسٽل به جوڙايائين، جنهن ۾ غريب ۽ ٻاهران آيل شاگردن لاءِ مفت رهائش ۽ کاڌي پيتي جو پڻ بندوبست ٿيل هو. هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن جي خرچ جو بار به شاهه صاحبَ پاڻ تي کنيو هو.

ڇوڪرن جي تعليم سان گڏ، شاهه صاحب کي نياڻين جي تعليم جو به اونو رهندو هو. نياڻين کي تعليم جي زيور سان سنوارڻ لاءِ، پنهنجي ڳوٺ ۾، لوڪل بورڊ کان اسڪول جاري ڪرايائين. سنڌ جي هن نيڪ انسان ١٩١٩ع ۾ وفات ڪئي.

سَيد اَلهندي شاهه هڪ مثالي زندگي گذاري. پاڻ جيتوڻيڪ هن وقت اسان وٽ موجود نہ آهي، پر سندس ڪيل خدمتون ۽ حياتي گذارڻ جو نمونو اسان جي سامهون آهي. سَرنديءَ وارن ماڻهن کي، سيّد اَلهندي شاهہ جي زندگيءَ کي هڪ مثال ڪري وٺڻ گهرجي، ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- سَيد اَلهندو شاهہ ڪٿي پيدا ٿيو؟
٢- سيد اَلهندي شاهہ جو سڀ کان وڏو ۽ يادگار ڪارنامو ڪهڙو آهي؟
٣- سَيد اَلهندو شاهہ ڪهڙو لباس پائيندو هو؟
۴- سيد اَلهندي شاهہ ڪڏهن وفات ڪئي؟


### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ ٻڌايو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

احترام اونو قول نهنو سنوارڻ

### (ج) اهڙا ضمير ٻُڌايو، جيڪي ويجهي اسم ڏانهن اشارو ڪن.

### (د) توهان پنهنجي علائقي جي ڪنهن اهڙي شخصيت جو احوال ٻُڌايو، جنهن تعليم لاءِ خدمتون سرانجام ڏنيون هُجن.

## (هـ) هيٺ ڏنل شخصيتن جون تصويرون ڏِسو ۽ سندن قائم ڪيل درسگاهن جا نالا پڙهو.


حسن علي آفندي


سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي


ميان غلام محمد ٽالپر


مدرسو-اسڪول، ٽنڊو باگو


ميان نور محمد لاکير


نورمحمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد سنڌ

### استاد لاءِ هدايت:

أستاد، ٻارن کي مشق 'هـ' ۾ ڏنل شخصيتن جي قائم ڪيل ادارن بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

# رشتن جو احترام

## سکيا جي حاصلات

- واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد لفظ ٺاهي سگهي.
- لفظن جا ضد ٺاهي سگهي.
- لائبريريءَ ۾ موجود رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل، پنهنجي پسند جي دلچسپ آکاڻين، لطيفن ۽ نظمن بابت مواد پڙهي، سمجهي ۽ ٻين کي ٻڌائي سگهي.
- سادن جملن تي مشتمل تقرير کندي جسماني چرپر ۽ تاثرات سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگهي".



گهر ۽ ڪُٽنب سماج جو حصو هوندا آهن. ڪُٽنب جا ڀاتي وري ڪُٽنب يا گهر جو حصو هوندا آهن.گهر ڀاتي سُڌريل ته گهر سُڌريل. گهر سُڌري ٿو ته سماج به سڌري ٿو. فردن ۾ سُڌارو تڏهن ايندو آهي، جڏهن منجهن هڪ ٻئي لاءِ ميٺ محبت، عزت، احترام ۽ رشتن جو قدر هوندو آهي. رشتا ڪهڙا به هجن، اهميت وارا ٿيندا آهن. انهن جو هر لحاظ کان خيال رکڻ گهرجي. هڪڙا رشتا رت جا ٿيندا آهن ۽ ٻيا رشتا سماجي هوندا آهن. رت جي رشتن ۾ ڪٽنب جي ڀاتين ماءُ، پيءُ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ کان سواءِ چاچَن، مامَن، سؤٽن، ماروٽن ۽ ماسائَن سميت ڪئين رشتا شامل آهن. ماءُ پِيءُ جي عزت ڪرڻ عبادت آهي. نبِي ڪريم صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلي آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي ته ”ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي.“ اُنهيءَ مان ماءُ جي رشتي جي عظمت ظاهر ٿئي ٿي.



ماءُ پِيءُ جو چيو مڃجي، انهن جو ادب ڪجي ۽ ساڻن جِهيڻو ڳالهائجي. ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي رشتي جو قَدُر ڪرڻ گهرجي. پاڻ کان ننڍي ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان پيار ڪجي. وڏي ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي عزت ڪجي. رت جي ٻين سَيني رشتن سان به اخلاق سان پيش اچڻ گهُرجي. رشتن ناتن جو قدر ئي ڪُٽنب، قبيلي ۽ قوم جي سُڌاري جو اهڃاڻ آهي.

سماجي رشتن ۾ پاڙي وارا، ڳوٺ يا شهر وارا، دوست، اُستاد ۽ وطن واسي اچي وڃن ٿا. اُستاد کي ته ماءُ پِيءُ جو درجو ڏنو ويو آهي. ٻيا سمورا سماجي رشتا ناتا پڻ اهم آهن ۽ انهن جو قدر ڪرڻ اعليٰ انساني گُڻ آهي. جيڪو رشتن ناتن سان سهڻي سُلوڪ سان هلي ٿو، سو ٻين جي دِليُن ۾ پنهنجي جاءِ جوڙي ٿو. سڀني رشتن ناتن سان چڱو ورتاءُ ڪندڙ نيڪ ۽ چڱو ئي سڏبو آهي. اسان کي گهُرجي ته سمورن رشتن ناتن جو قدر ۽ احترام ڪريُون. سٺيون عادتون ۽ اخلاق پڻ سکون، ڇو ته سٺا اخلاق ۽ اٿڻ ويهڻ جا ڍنگ سماج ۾ عزت، قوم ۽ وطن جي نيڪناميءَ جو ذريعو آهن.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

۱۔ اوهان هن سبق مان ڇا پرايو؟
۲۔ ڪٽنب ۾ ڪهڙا رشتا اچي وڃن ٿا؟
۳۔ سماجي رشتن ۾ ڪير ڪير اچن ٿا؟
۴۔ وطن ۽ قوم لاءِ نيڪ نامي ڪيئن ڪمائي سگهجي ٿي؟
۵۔ اعليٰ انساني گُڻ ڪهڙا آهن؟

## (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو:

قَدُر     ورتاءُ     جهيڙو     ڪٽنب     سُڌارو

## (ج) هيٺ ڏنل لفظن جا جمع لکو، جيئن: ڪتابُ - ڪتابَ

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| مُلڪُ | | گهَرُ | |
| شهرُ | | دوستُ | |

## (د) هيٺ ڏنل لفظن جا ابتڙ لکو:

| لفظ | ابتڙ | لفظ | ابتڙ |
|---|---|---|---|
| چڱو | | عزت | |
| نيڪ | | پنهنجو | |
| گُڻ | | دوست | |

(هـ) ’رشتن جو قدر ڪجي‘ جي موضوع تي پنهنجي ڪلاس ۾ تقرير ڪريو.

(و) اوهان پنهنجي اسڪول جي لائبريريءَ مان ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب کڻو، اهو پڙهي، پنهنجي پسند جي ڪهاڻيءَ بابت بين ڪي ٻڌايو.

### استاد لاءِ هدايت:

أستاد، ٻارن کي اسڪول جي لائبريريءَ ۾ وٺي وڃي ۽ کين ڪتابن ۽ رسالن مان ڪهاڻيون ڳولڻ ۾ رهنمائي ڪري.

# پاڪستان جا پاڙيسري ملڪ




- سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪندي جسماني چرپر ۽ تاثرات سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگهي.
- سبق، آکاڻي يا واقعو پڙهي يا ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.

اسان جو ملڪ پاڪستان، ڏکڻ ايشيا جو هڪ اهم ملڪ آهي، هن جي ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ آهي، اوڀر، اُتر ۽ اولهه ۾ چار پاڙيسري ملڪ آهن. پاڪستان جا پنهنجي پاڙيسري ملڪن سان سدائين سٺا ۽ دوستاڻا ناتا رهيا آهن. اچو تہ انهن ملڪن بابت ڄاڻ حاصل ڪريون.




## چِين:




چين، پاڪستان جو مثالي دوست ملڪ آهي ۽ دنيا جو آباديءَ جي لحاظ کان سڀ کان وڏو ملڪ آهي. چين جي حد پاڪستان جي اُتر ـ اوڀر طرف گلگت بلتستان سان لڳي ٿي.

هن ملڪ جو سرڪاري نالو ’عوامي جمهوريہ چين‘ آهي. هن ملڪ جي مکيہ ٻولي چيني آهي. چين سان پاڪستان جو واپار ۽ زميني اچ وڃ تاريخي رستي ’شاهراهِ ريشم‘ ذريعي ٿيندي آهي. چين جي گاديءَ جو هنڌ ’بيجنگ‘ آهي. هن ملڪ ۾ ٻاويهہ صوبا ۽ پنج خودمختيار علائقا آهن. چين جي آزاديءَ جو ڏهاڙو پهرين آڪٽوبر ١٩٤٩ع آهي. چين هن وقت سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ دنيا جو اُسريل ملڪ بڻجي ويو آهي.

## هندستان:

هندستان اسان جو ويجهو پاڙيسري ملڪ آهي، جيڪو پاڪستان جي ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ آهي. هندستان جو سرڪاري نالو ’ڀارت‘ آهي. هندستان جي سرحد سنڌ، پنجاب ۽ آزاد جمون ڪشمير سان ملي ٿي. هندستان، آباديءَ توڙي پکيڙ جي لحاظ کان ڏکڻ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو ملڪ آهي. هندستان جي گاديءَ جو هنڌ ’نئين دهلي‘ آهي. هن ملڪ جي وڏن شهرن ۾ دهلي، ممبئي، ڪلڪتو، مدراس، بئنگلور، حيدرآباد دکن ۽ ٻيا شهر اچي وڃن ٿا. هندستان جي آزاديءَ جو ڏهاڙو ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع آهي. ڀارت ۾ هندي، اردو، پنجابي، بنگالي، تيلگو، تامل، گجراتي، مراٺي، سنڌي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ڀارت ڪمپيوٽر سافٽ ويئر جي تياريءَ ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي.





## ايران:





ايران جو سرڪاري نالو ’اسلامي جمهوريه ايران‘ آهي. هي ملڪ پاڪستان جي اولهه ۾ بلوچستان صوبي سان لڳ آهي. ايران جي گاديءَ جو هنڌ ’تهران‘ آهي. هن ملڪ جي وڏن شهرن ۾ مشهد ، شيراز، اصفهان ، تبريز، زاهدان، قمُ ۽ ٻيا شهر اچي وڃن ٿا. هن ملڪ جي قومي ٻولي فارسي آهي، جڏهن ته بلوچي، ترڪي، عربي، ڪردي، سنڌي ۽ ٻيون ٻوليون پڻ ڳالهايون وڃن ٿيون. ايران، علم، ادب، شاعريءَ ۽ ثقافت سبب مشهور آهي، عمارت سازيءَ ۾ پڻ ايران جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ايران جي آزاديءَ جو ڏهاڙو ٢٦ فيبروري ١٩٢١ع آهي. هتي جي مکيه زرعي پيداوار ۾ ڪڻڪ، ٻاجهري،

سڪل ميوا، ڪِپهه، انگور ۽ پيون شيون شامل آهن.

## افغانستان:



افغانستان اسان جو اهم پاڙيسري ملڪ آهي، جيڪو پاڪستان جي اتر - اولهه ۾ آهي. پاڪستان جا صوبا خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان، ۽ فاٽا جا علائقا افغانستان سان لڳن ٿا. افغانستان جو پراڻو نالو 'آريانا' آهي. هن وقت افغانستان 'اسلامي جمهوريه افغانستان' جي نالي سان گڏيل قومن ۾ شامل آهي. افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ 'ڪابل' آهي. هن ملڪ جي وڏن شهرن ۾ قنڌار، هرات، مزارشريف، جلال آباد ۽ ٻيا شهر اچي وڃن ٿا. هن ملڪ جي آزاديءَ جو ڏهاڙو ٢٧ مئي ١٩١٩ع آهي. هن ملڪ جون مکيه ٻوليون پشتو، فارسي ۽ دري آهن. افغانستان جي موسم خشڪ رهندي آهي. گرمين ۾ سخت گرميون ته وري سردين ۾ سخت سيءُ پوندا آهن. قالين سازي هن ملڪ جو اهم پيداواري ذريعو آهي.

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- پاڪستان جي پاڙيسري ملڪن جا نالا ٻُڌايو؟
٢- چين جي سرحد پاڪستان جي ڪهڙي علائقي سان لڳي ٿي؟
٣- هندستان جو سرڪاري نالو ڪهڙو آهي؟
٤- ايران جي قومي ٻولي ڪهڙي آهي؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

خودمختيار    پاڙيسري    مشڪل    قالين سازي    آزادي

## (ج) دُرست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو:

١. آباديءَ جي لحاظ کان دنيا جو سڀ کان وڏو ملڪ ڪهڙو آهي؟

| | | | |
|---|---|---|---|
| پاڪستان | چين | هندستان | ايران |

٢. افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ ڪهڙو آهي؟

| | | | |
|---|---|---|---|
| دهلي | تهران | ڪابل | بيجنگ |

## (د) ’اسان جو پيارو ملڪ‘ جي موضوع تي ڪلاس ۾ تقرير ڪريو.

## (ھ) هيٺ ڏنل لفظ هڪ منٽ ۾ درست اُچار ۽ روانيءَ سان پڙهو:

گُل – نظارا – واهَ – اخلاق – عجب – پيارُ – پاڙيسري – سَهارو – دشمن – زندگي
رحمت – دعوت – پکيڙڻ – خرچ – وفات – تهذيب – بولي – شاعر – روشن - ايماندار
وقت – همت – پٽ – عيد – عظمت – ڳُڙ – گهر – تاريخي – سماجي – مُلڪ – ميوو
ڏڻ – ٻولَ – ڪلِڪ – سياڻي – خيال – پورهيو – تورا – اُڀ – رستو – ڳوٺ – متاچرو
صوبو – سولائي – ريت – رات – حساب – ڪتاب – ٻهراڙي – چنڊ – راڪيٽ – ايجاد
سولائي – پوک – ڪلاس – سبڻ – دل – بيمار – اسپتال – اُداس

### استاد لاءِ هدايت:

اُستاد ٻارن کي مشق ’ھ‘ ۾ ڏنل لفظن جو چارٽ پڙهڻ لاءِ چئي ۽ ڏسي ته ٻارن هڪ منٽ ۾ ڪيترا لفظ درست پڙهيا آهن.


## سبق ٽيهون

## سکيا جي حاصلات

- آکاڻيءَ جي ڪردارن بابت پسند يا نا پسند متعلق ٻڌائي سگهي.
- آکاڻي يا واقعو پڙهي ۽ سمجهي ان جو نتيجو ڪڍي سگهي.
- آکاڻيون پڙهي ۽ ٻڌي ان جا نتيجا اخذ ڪري سگهي ۽ ان کي عملي زندگيءَ سان جوڙي سگهي.
- تصوير / تصويري آکاڻي ڏسي ان بابت پڇيل سوالن جا جواب لکي سگهي.
- هاڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجب وارا جُملا ٻُڌائي سگهي.
- سادو جملو لکڻ وقت پورو دم،ٽورو دم ۽ سوال جي نشانيءَ جو درست استعمال ڪري سگهي.

# ٻولڙي جي ورڇ

(تصويري آکاڻي)




### استاد لاءِ هدايت:

اُستاد ٻارن کي تصويري آکاڻي ناهڻ ۾ مدد ڪري.

# مشق

## (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١۔ تصويرن ۾ ڏنل جانورن جا نالا ٻُڌايو؟
٢۔ جانورن کان سواءِ تصويرن ۾ ٻيون ڪهڙيون شيون ڏنل آهن؟
٣۔ تصويري ڪهاڻيءَ 'پولڙي جي ورچ' مان اوهان ڪهڙو سبق سکيا آهيو؟

## (ب) تصويرون ڏسي انهن ۾ ڏنل آکاڻي ٻُڌايو؟

## (ج) هن آکاڻيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟ تن جا نالا ٻڌايو.

## (د) هن آکاڻيءَ مان اوهان کي ڪهڙو ڪردار پسند آهي ۽ ڇو؟

## (هه) هن تصويري آکاڻيءَ 'پولڙي جي ورچ' کي پنهنجن لفظن ۾ لکو:


## (و) هيٺ ڏنل جملن ۾ ٻيهڪ جون نشانيون ڏيو:

- آءٌ اوهان وٽ اچان ٿو
- ڇا تون مون وٽ ايندين
- مون وٽ ڪتاب ڪاپي ۽ قلم آهي

## (ز) هيٺ ڏنل هاڪاري، ناڪاري ۽ عجب وارا جُملا پڙهو.

| هاڪاري جُملا | ناڪاري جُملا | عجب وارا جُملا |
|---|---|---|
| ٻار راند ڪن ٿا.<br>هِي پکي آهي. | ٻار راند ڪونہ ٿا ڪن.<br>هِي پکي نہ آهي. | واھ! ٻارَ راند ڪٿي آيا.<br>واھ! هِي پکي ڏاڍو سُهڻو آهي. |

## (ح) رنگ ڀريو:



سبق ايڪٽيهون

### سکيا جي حاصلات

- نظم مان پنهنجي پسند جي شعر جو مفهوم لکي سگهي.
- نظم سُر ۽ لئہ سان ٻُڌي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.
- موقعي جي مناسبت سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- اسم، ضمير، صفت ۽ فعل جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي.

# محنت ڪر تون محنت يار!

محنت ڪر تون محنت يار،
محنت سان ٿيندين هوشيار!

وِهنجي سِهنجي نيرن ڪائي،
اُجرا ڪپڙا پهري پائي،
مڪتب ڏي ٿي تڙُت تيار،
محنت ڪر تون محنت يار!



ٻُڌ تون يار هنئين سان لائي،
جو توکي اُستاد پڙهائي،
گهر ۾ تُون پڻ اُن کي سار،
محنت ڪر تون محنت يار!



مائٽ مِٺ توکي پائيندا،
سنگتي ساٿي پڻ چاهيندا،
ٿيندو تنهنجو ناماچار،
محنت ڪر تون محنت يار!



جيڪو محنت خوب ڪري ٿو،
پنهنجي ڪم تي ڌيان ڌري ٿو،
تَنهن جا ٿيندا ٻيڙا پار،
محنت ڪر تون محنت يار!

## مشق

### (الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

١- توهان کي هن بيت جو ڪهڙو بند وڌيڪ وڻي ٿو؟
٢- جيڪو بند اوهان کي وڌيڪ وڻي ٿو، اهو ڇو ٿو وڻي؟
٣- نظم ۾ شاعر ڪهڙي ڳالهه جو ذڪر ڪري ٿو؟

### (ب) هيٺ ڏنل لفظن جي معنٰي ٻڌايو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اجرا | پَهري | مڪتب | ترت | هِنئين | ناماچار |

### (ج) هِيءُ بيت زباني ياد ڪريو ۽ ڪورس ۾ سُر سان پڙهو.

### (د) هيٺ ڏنل بند جي سمجهاڻي لکو.

* جيڪو محنت خوب ڪري ٿو،
پنهنجي ڪم تي ڌيان ڌري ٿو،
تَنهن جا تيندا ٻيڙا پار،
محنت ڪر تون محنت يار!

(ھ) پڙهو ۽ سهڻن اکرن ۾ لکو:

| | | |
|---|---|---|
| وهنجي سهنجي | مائٽ مٽ | سنگتي ساٿي |

(و) ’محنت‘ جي موضوع تي اوهان کي پنهنجي استاد ڪڏهن ڪا آڪاڻي ٻُڌائي هجي يا ليڪچر ڏنو هجي ته ان بابت ٻُڌايو.

(ز) اوهان محنت جي عظمت بابت ڪا آڪاڻي ٻڌي يا پڙهي هجي ته ان بابت ڪلاس ۾ ٻڌايو.

(ح) اهڙا لفظ، جيڪي اسم جو گُڻ، اوگُڻ، انداز، مقدار ۽ قِسم ڏيکارين تن کي صفت چئبو آهي.

جيئن: ✹ هِي ميوو خراب آهي.

✹ هاٿي وڏو جانور آهي.

متي ڏنل جُملن مان ’خراب‘ ۽ ’وڏو‘ لفظ صفت آهن. اوهين صفت جا ڪي بيا مثال ٻُڌايو.

## (ط) ڪُٽل اکر ملائي لفظ پورا ڪريو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| | م | | |
| | ح | | |
| | ن | | |
| ب | | ڪ | م |

### استاد لاءِ هدايت:

استاد ٻارن کي هن نظم جي پس منظر ۾ محنت جي عظمت بابت وڌيڪ ٻُڌائي.

سبق ٻٽيهون

## سکيا جي حاصلات

- نظم سُر ۽ لئه سان ٻُڌي، لُطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.

# دُعا



ڪٽي هَٿ دُعا تا گُهرُون اَي ڏَٽِي!
ملي سمجھ ساڃَھ اسان کي گهٽِي!

وڏن جي گهٽي پاڻ عزت ڪريون،
۽ پاٽان ننڍن سان مُحبت ڪريون!
وطن سان سچا شَل سدائين رهون،
شروع کان وٺي توڙ تائين رهون!

پڙهون ۽ لکون ۽ هُنر پڻ سِکُون،
وطن جو اجا نانءُ اُوچو ڪريون!
خدايا! چئون جو ٻه سو سچ چئون،
ڪڏهن ڪُوڙَ کي ڪِينَ ويجهو وڃون!

ڪٽي هَٿ دُعا تا گُهرُون اَي ڏَٽِي!
ملي سمجھ ساڃَھ اسان کي گهٽِي!

امداد حسيني

**اُستاد لاءِ هدايت:**

اُستاد، ٻارن کي هي نظم سُر ۽ لئه سان پڙهڻ لاءِ چئي.

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **سبق پهريون** | |
| اِسرار | راز - ڳُجهه |
| ٻَلي ٻلي | واه واه - شاباس |
| جنسار | سينگار |
| ڏريو | ڏيو |
| ڌيان | توجهه |
| روز | ڏينهن |
| شمار | ڳڻپ - ڳاڻيٽو |
| قسمين قسمين | نموني نموني - طرحين طرحين |
| ڪارَ | اونداهي - انڌوڪار |
| گلزار | چمن - باغ - گلن جي جاءِ |
| ڳَڙا | برف جا گولا جيڪي مينهن وسندي آسمان مان ڪرن ٿا |
| لاهه | لاهو - هيٺائين - ڍورو |
| **سبق ٻيو** | |
| پارت | هدايت - سفارش |
| چغلي | لائي چائي - گلا - جُوٽي |
| سُياءُ | سُٺي عادت |
| ڪوٺيندا | چوندا - سڏيندا |
| گلا | پريت (غير حاضريءَ ۾) برائي ڪرڻ |
| مُرڪي | ٿورو کلي - مُشڪي |
| مومن | ايمان وارو |
| منع | روڪ - جَهل - انڪار |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **سبق ٽيون** | |
| جڳ | دنيا - جهان - سنسار |
| سهارو | آڌار - آسرو |
| قيامت | حساب جو ڏينهن |
| ڪمزور | هيڻو - بي طاقت |
| هيڻن | ڪمزورن - ضعيفن |
| **سبق چوٿون** | |
| تبليغ | پرچار - دين جي سمجهاڻي |
| تبوڪ | ماڳ جو نالو |
| پرهيزگار | پلارو - چڱو |
| سَندس | ان جو |
| سندن | انهن جو |
| غار | ڇُر |
| غارِ ثور | هڪ غار جو نالو |
| ڪفن | مُردي جو لباس |
| کانئس | ان کان |
| کانئن | انهن کان |
| کيس | ان کي |
| کين | انهن کي |
| وصال | لاڏاڻو - فوت |
| هجرت | لڏڻ - هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ |
| **سبق پنجون** | |
| ذخيرو | خزانو - گڏ ڪري رکيل مال مُوڙي |
| ريت | رسم - طريقو - رواج |

مفت ورهاست لاءِ

# نوان لفظ

| لفظ | معني |
|---|---|
| قديم | اڳئين زماني جو |
| | اڳوڻو - پُراڻو |
| مالامال | خزاني سان ڀريل |
| | دولتمند - شاهوڪار |
| مکيه | اهم - خاص - ضروري |
| **سبق ڇهون** | |
| اُپت | پيدائش-پيداوار-ڪمائي |
| اُونو | اُلڪو-فڪر-ڳڻتي |
| تاتڙ | سنڀالڻ-حفاظت ڪرڻ-پرگهور لهڻ |
| توانائي | مضبوطي-تازگي-طاقت |
| لڳاتار | مسلسل-يَڪو-ساندهه |
| همواري | برابر-سِڌو-هڪجهڙو |
| **سبق ستون** | |
| اعليٰ | وڏي شان وارو - عزت وارو |
| | تمام مٿاهون - اوچو |
| پِرايون | حاصل ڪريون - سِکون |
| صدقي | قُربان |
| مانُ | شانُ - عزت |
| نرالو | ڌار - مختلف - نيارو |
| **سبق اٺون** | |
| تحريڪ | هلچل - چُرپر - ڪوشش |
| تهذيب | اٿي ويهڻي-پوشاڪ ۽ کاڌو پيتو |
| ڦَلُ | ميوو - نتيجو |
| ڪامياب | ڪٺندڙ - فاتح |
| لاڏاڻو | موت - وفات |

| لفظ | معني |
|---|---|
| ليکجڻ | نظر اچڻ - ڏسڻ ۾ اچڻ |
| نيڪ مرد | چڱو ماڻهو - خوش اخلاق |
| | سهڻائي- انسانيت |
| **سبق نائون** | |
| پيغام | نياپو-سنيهو |
| رُوپ | مهاندو-مُک-مُکڙو |
| سولائي | آساني-سهنجائي-سهولت |
| شڪايت | ڏوراپو-تڪليف |
| نِت | سدائين-هميشہ-هروقت |
| واهي | نگهبان-حفاظت ڪندڙ |
| **سبق ڏهون** | |
| ٽرئفڪ | گاڏين جي اچ وَڃ |
| حادثو | اتفاق - اوچتو ٿيل ڪا ڳالهه |
| زيبرا ڪراسنگ | پٽاپٽي رستو، جتان پيادل رستو پار ڪجي |
| سگنل | نشان - اشارو |
| فٽ پاٿ | پنڌ هلڻ جو رستو |
| قاعدا | قانون - اصول |
| ڪنٽرول | روڪ - بندش |
| ڳڻتي | فڪر - پريشاني |
| **سبق يارهون** | |
| آڳ | وارو (راند ۾) |
| اڳواڻي | رهبري |
| ذريعو | وسيلو-واسطو-معرفت |
| عوامي | عام ماڻهن جو-عام لوڪ جو |
| قدردان | قدر وارو-قدرشناس |
| ڳُڻ | لڇڻ-چڱي عادت |

# نوان لفظ

| لفظ | معني |
|---|---|
| **سبق ٻارهون** | |
| حِصو | ڀاڱو |
| خليل الله | الله جو دوست |
| راهه | رستو - واٽ |
| سُلڇڻو | سٺين عادتن وارو |
| سدورو | ٻختاور - سڀاڳو |
| قربان | صدقو - خيرات |
| **سبق تيرهون** | |
| بنايو | ناهيو - جوڙيو |
| عظمت | وڏائي |
| فرمايو | چئو - ٻُڌايو |
| قسمت | نصيب - ڀاڳ - ٻخت |
| قائداعظم | وڏو اڳواڻ |
| گُڻَ | نيڪي - چڱي عادت - سُنا لڇڻ |
| **سبق چوڏهون** | |
| اَهنج | ڏُک - ايذاءُ - تڪليف |
| پهريندو | پائيندو |
| جَتَن | ڪوششون |
| جائو | پيدا ٿيو |
| جوتڪارو | آزادي |
| حل | طريقا - رستا |
| ڏُڪار | ڪاڌي پيتي جي شين جي کوٽ |
| سلوڪ | ورتاءُ - پيش اچڻ جو نمونو |
| سماجي خدمتون | ماڻهن جي ڀلائي جا ڪم ڪاريون |
| سامِيءَ جي وِيري | علائقي يا ڳوٺ جو نالو |
| مَنهُن | ڪکائون گهر يا اَجهو |

| لفظ | معني |
|---|---|
| مسئلا | ڏکيائيون - مُشڪلاتون |
| هَڏ ڏوکي | مددگار - دوست - گهڻگهرو |
| هَڪيو | هٿيڪو - موجود |
| **سبق پندرهون** | |
| ڏياري | هندن جي ڏيڻ وارو ڏڻ |
| سوڀ | فتح - ڪاميابي |
| سينگاريا | سجايا |
| سنبت | تياري |
| **سبق سترهون** | |
| ٻولَ | ڳالهيون |
| چاهُه | شوق |
| سڀُورو | ڀلارو - مبارڪ - افضل |
| ڪِلڪَ | ڪاني جو قلم |
| ڳَڏجاڻي | ملاقات - ميلاپ - ڳالهه ٻولهه |
| وندرايان | خوش ڪيان - وندر ڪرايان |
| **سبق ارڙهون** | |
| اُداس | پريشان |
| اَجر | ثواب |
| انداز | نمونو |
| رازداري | لڪ - ڳُجهيءَ طرح |
| رُسي ويل | ڪاوڙيل |
| رونقون | سونهن - حُسن |
| سَلا | ٻوٽا |
| سربستو | پورو - سمورو |
| لاهَ | وڻ جي پاڙ جيڪا زمين اندر ٿئي ٿي |

مفت ورهاست لاءِ

# نوان لفظ

| لفظ | معني |
|---|---|
| مرهيات | مري ويل - مرحوم |
| ويران | برباد - سُڃو - ڦٽل |
| **سبق اوڻيهون** | |
| حقيقت | سچ پچ - سچائي |
| خلائي لباس | خلا ۾ پهرڻ وارو لباس |
| غور | ويچار - ڌيان |
| متاچرو | مٿيون پاڳو |
| **سبق ويهون** | |
| تَهه | پردو - پُڙ |
| ڏڪار | اڻاٺ - ڪوٺ - ڪمي |
| ڪارڻ | سبب - بهانو |
| مخلوق | پيدا ڪيل - خلق دنيا |
| وبائي | وچڙندڙ بيماريءَ وارو |
| **سبق ايڪيهون** | |
| اڃا اُجرا | صاف سُٿرا |
| امتحان | پرک - آزمائش |
| جهٽڻ | جهپڻ |
| چڱيلائي | صحتمندي |
| چند ڦوڪ | صفائي، سُٿرائي |
| ساهيڙيون | سَرتيون - جيڏيون |
| **سبق ٻاويهون** | |
| پوشاڪ | لباس - پهرڻ - ڪپڙا |
| رُعب | دٻدٻو - دهشت |
| سُورُ | تڪليف - درد - ڏک |
| ڪَپُ | ڪنارو - ڪَنڌي - ڪپر |
| **سبق ٽيويهون** | |
| ٽانڊاٽا | ڪُڙڪُبيتا - چاسينگر- چم چراڪ |
| جوت | روشني |
| سُرها | خوشبودار |
| سونهارو | سونهن وارو - خوبصورت |
| مڪڙيون | اڻ ٽڙيل گُل - ڪچا گُل |
| مونجهارو | پريشاني - تڪليف |
| **سبق چوويهون** | |
| چيئر لفٽ | هڪ قسم جو جهولو |
| ڇُهڻ | هٿ لڳائڻ |
| لاڀائتو | فائدي وارو |
| ماڳن | هنڌن |
| وَستيون | ڳوٺ - وسنديون |
| واهڻ | ننڍا ڳوٺ |
| **سبق پنجويهون** | |
| رڻ پٽ | بيابان - ريگستان |
| سُونهَن | خوبصورتي - سوڀيا |

# نوان لفظ

| لفظ | معني |
|---|---|
| ڪتب | ڪم - استعمال - لاءِ |
| گدلاڻ | ميراڻ - گدلائي - گندگي |
| مختلف | ناموافق - الڳ - ٻيءَ طرح جو |
| **سبق ستاويهون** | |
| احترام | عزت - آبرو - مانُ |
| اونو | فڪر - ڳڻتي |
| ٻلا | سُڻا |
| زنده | جيئرو |
| سنوارڻ | سينگارڻ |
| ضبط ڪرڻ | قبضي ۾ آڻڻ - صبر ڪرڻ |
| قول | چوڻي |
| نيڪ | چڱو |
| نِهٺو | نماڻو - حيادار - صبر وارو |
| **سبق اٺاويهون** | |
| اُهڃاڻ | نشان |
| جهيڻو | جهڪوآواز - آهستي |
| رشتا | مٽي مائٽي - سڱ |
| سڌارو | بهتري - تبديلي |
| سماج | معاشرو - قومَ - برادري |
| قدر | خيال |
| ورتاءُ | پيش اچڻ |
| نيڪ نامي | ساراه - نيڪي - واکاڻ |

| لفظ | معني |
|---|---|
| **سبق اوڻٽيهون** | |
| ترقي يافته | سُڌريل |
| ٽيڪنالاجي | هنرن جي ڄاڻ - هنرن جو علم |
| خود مختيار | آزاد |
| ڏهاڙو | ڏڻ - ڏينهن |
| **سبق ايڪٽيهون** | |
| اُجرا | صاف |
| تُرت | جهٽ پٽ - جلدي |
| پهري | پائي |
| مڪتب | اسڪول |
| ناماچار | نيڪي - ساراه |
| هنئين | دِل سان - من سان |
| **سبق ٻٽيهون** | |
| اُوچو | مٿانهون - اعليٰ |
| توڙ | آخر - پڇاڙي |
| پاڻان | پاڻ - پنهنجو پاڻ - خُود |
| ساجهه | حياءُ - سُڌ |
| ڪِين | ڪونه - نه |